# منھنجو پيگوان

(ڪھاڻيون)

ليکڪا:

## ڪويتا انيل سُڪيجا

Sindhigulab.com is thankful to
**Mr. Rajesh Kewalramani**
of
**ABC Creations**
**142, Sindhi Colony, Bani Park, Jaipur - 302016**
**(Printing & Typesetting of this book)**

**This book Published on Internet by:**
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
**Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.**

# فهرست

1. سنڌو درشن

2. منهنجو پيغام

3. اسان ڳاڻو ۾ ڪونہ رهندا آهيون

4. گل ۽ ڪنڊا

5. پُرسڪار

6. شانتي

7. شرڌانجلي

This book Published on Internet by:

www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# منهنجي طرفان.........

مونکي فخر آهي تہ مان سنڌي آهيان. وشو جي سڀ کان پراچين، سنڌو گهاٽيءَ جي سڀيتا جي وارث.

منهنجو پهريون ڪهاڻي سنگرہ ''منهنجو ڀڳوان'' توهانجي هٿن ۾ آهي. مان خود تعجب ٿي ڪريان تہ مان اوچتو ڪهاڻيون لکڻ ڪيئن شروع ڪيون. منهنجا پتا شري ڪي. ٽي. دادلاڻي ڪويتائن تي قلم آزمائي ڪندا آهن. هو جڏهن بہ ڪويتا لکندا آهن تہ سڀ کان پهرين اسانکي، يعنيِ مونکي، منهنجي ڀاءُ راجيش ۽ ننڍي ڀيڻ گيتا کي ٻڌائيندا آهن. ڪويتا لکڻ جي الاوہ هو آڪاشواڻي ۽ دوردرشن جا ائپرووڊ ڊراما آرٽسٽ، نيوز ريڊر بہ آهن ۽ اثرائتي آواز جا مالڪ بہ. مون سندن ساڻ، شري اشوڪ بولاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ سنڌي ڊرامن ۾ پارٽ ادا ڪيا آهن، جنهن ۾ خاص آهن :واريءَ سندو ڪوٽ (ليکڪ لکمي کلاڻي)، ساهہ تي کھڙو پروسو (ليکڪ سندر اگناڻي)، آيو نئون زمانو (ليکڪ صابو ريجهواڻي). اهڙيءَ طرح منهنجو سنڌي ڪلا ۽ ساهتيہ طرف لاڙو وڌندو ويو. منهنجا پتا پڻ شروع کان ئي سجاڳ رهيا تہ ٻارن کي مادري ٻوليءَ سان هميشه جڙيل رکجي. اسٽيٽ بئنڪ آف انڊيا ۾ آفيسر هئڻ سبب سندن تبادلو اهڙن اسٿانن تي بہ ٿيو جتي سنڌي ڳالهائڻ وارا ڪي ورلا هئا. پر ماتا پتا جي سخت تاڪيد هئي تہ گهر ۾ سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائڻو آهي. انيءَ سبب اسانجو سنڌيءَ سان نينهن برقرار رهيو ۽ اسانکي خوشي آهي تہ اسان پنهنجي مادري ٻوليءَ سان نيايو آهي.

منهنجا پتا مونکي هميشه همٿائيندا هئا ۽ مان سندن سهيوگ سان انيڪ سنڌي ۽ هندي معياري جلسن ۾ ڪمپيئرنگ جي جوابداري پڻ سهڻي نموني نڀائي. پتا جي جگري دوستن - ناري لڇواڻيءَ، پرسرام ناٿاڻيءَ ۽ بنسي خوبچنداڻيءَ پڻ منهنجي همت افزائي ڪئي ۽ مان سنڌي جلسن ۾ شرڪت ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪرڻ لڳيس.

ڪهاڻين لکڻ جي پريرڻا مونکي منهنجي ماسڙ اشوڪ منواڻيءَ ڏني. شري منواڻي خود سٺا ڪهاڻيڪار آهن. سندس سنڌي ڪهاڻين جو مجموعو ''موجودگي'' شايع ٿيل آهي. سندن ڪهاڻيون پڙهي، منهنجي

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

من ۾ بہ انيڪ ويچار اُڀري آيا. مان اُنهن ويچار کي من ۾ ولوڙڻ ۽ ڪاڳرن تي اُڪرڻ شروع ڪيو. منهنجي پتا ڪي. ٽي. دادلاڻيءَ ڀاشا ۾ ڪجھ سُڌار ڪري ڪهاڻين کي نئون روپ ڏنو ۽ منهنجيون قلمبند ڀاونائون ڪتاب جي روپ ۾ توهانجي هٿن ۾ آهن.

منهنجي جيون ساٿيءَ ''انيل سکيجا'' جي سهڪار ۽ حوصلا افزائيءَ بنا ڪهاڻي سنگره ڇپائڻ ممڪن نہ ٿي سگھي ها.

- ڪويتا انيل سکيجا.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

سفرنامو

# سنڌو درشن

اسان ڊرائنگ روُم ۾ صوفا تي ويٺي بيصبريءَ سان انتظار ڪري رهيا هئاسين. شام جو سوائين ستين بجي ڪال بيل جي آواز تي مان يڪدم وڃي دروازو کوليو. سامهون پاپا کي ڏسي مان خوشيءَ ۽ اُتسڪتا مان پڇيو، ’پاپا، اسانجو سينگاپور گهمڻ جو پروگرام ته فائينل آهي نه؟ توهانجي موڪل ۽ ايل.ٽي.سي. منظور ٿي ويئي نه؟‘

’نه پٽ، في الحال اسانجو سينگاپور هلڻ ممڪن ناهي.‘ پاپا چيو.

’چو پاپا، توهان ئي ته چيو هو، هن دفعي اسان ضرور گهمڻ هلنداسين.‘ مان روئڻهارڪي ٿي پيس. منهنجي ننڍي ڀيڻ گيتا، وڏو ڀاءُ راجيش ۽ ممي به منهنجي سر ۾ سر ملائيندي چيو:

ممي: توهان هميشه پنهنجي من جي ڪندا آهيو. ڪڏهن ٻارن جي به دل رکبي آهي. توهانجو ڪو گهڻو خرچ ته نه ٿيندو. ايل.ٽي.سي. بئنڪ طرفان ملي ئي ٿي.

گيتا: هلو پاپا، پليز، سينگاپور گهمڻ هلو نه!

راجيش: نه ته اسان پاسپورٽ ڇو ٺهرائي رکيا؟

پاپا پنهنجو فيصلو ٻڌائيندو چيو، ’اسان هن سال سينگاپور گهمڻ هرگز نه هلنداسين. اسان هلنداسين سنڌو درشن ڪرڻ ليهه (لداغ). ڏسو هيءُ آهي ليهه هلڻ جو پروگرام.‘ پاپا ٽريول ايجنٽ جو پئمفليٽ سيني کي ڏيکاريندي چيو. ’منهنجي موڪل ۽ ايل. ٽي. سي. به منظور ٿي ويئي آهي. سڀاڻي ياترا جون ٽڪيٽون به اچي وينديون.‘

’ليهه لداغ! توهان سچ ٿا چئو؟ چرچو ته نه ٿا ڪيو؟ اسان سيني چيو.

’سچ، سورنهن آنا سچ! هاڻي ته خوش آهيو نه؟‘

’نه پاپا، اسان خوش نه آهيون، اسان ڏاڍا خوش آهيون. ڊيئر پاپا، هپ هپ هُري‘ چوندي اسان پاپا کي چنبڙي پياسين.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

’پاپا اسان برفيلا پهاڙ ڏسنداسين، سنڌو ندي بہ ڏسنداسين. اسان جي دل تہ هينئر ئي پئي ٿي اُڏامِ پري گليشيئرس مٿان‘ گيتا چيو.

’مان چيو، پاپا توهانجي تہ من جي مراد پوري ٿيندي. هميشه سنڌ ۽ سنڌو نديءَ کي پيا ياد ڪندا آهيو. هاڻي سنڌو نديءَ ۾ ڏيئو ڏيئي سنان ڪجو.‘

’ها پاپا، اسان بہ سنڌوءَ ۾ سنان ڪنداسين، انهيءَ بهاني ائين لڳندو تہ سنڌ جي پوتر پوميءَ کي ڇُهي آياسين. اهوئي نرمل جل تہ سنڌي وچي پهچندو نہ.‘ راجيش چيو.

’ ۽ پاپا، اسان ڏاڏيءَ (امان) کي بہ ساڻ وٺي هلون تہ ڏاڍي خوش ٿيندي. پنجونجاهہ سالن کان پوءِ وري سنڌو ندي ڏسندي. اسان تہ نہ سنڌ ڏٺي آ نہ سنڌو ندي، پوءِ بہ سنڌ کي ساريون ٿا. امان تہ سنڌ کان وڇوڙي جو درد پوڳيو آهي. وري سنڌو ندي ڏسندي ۽ سنان ڪندي تہ ڪيڏو نہ خوش ٿيندي.‘

’راجيش نيڪ ٿو چوي، امان کي هينئر ئي بئراگڙه فون ڪيو تہ ليهہ هلڻ جي تياري ڪن. توهان سياڻي بئراگڙه وچي امان کي وٺي اچو.‘ مميءَ چيو.

پاپا جو من پرجي آيو. هنن پاڻ بہ نہ سنڌ ڏٺي هئي ۽ نہ سنڌو ندي. اِنهيءَ ڪري ئي تہ سينگاپور وڃڻ بدران سنڌو درشن ڪرڻ مناسب ڄاتو هون. امان لاءِ ٽڪيٽون رزرو ڪرائي ئي آيا هئا. پاپا ڏاڍا خوش هئا تہ سندس ٻارن کي بہ سنڌ لاءِ هڳاءُ آهي. اڄ ڪين پنهنجي سرڳواسي پتا جي ياد اچڻ لڳي.

اڄ ٢٥ ميءِ آهي. ٽن ڏينهن کان پوءِ ٢٨ ميءِ منجهند جو اڍائي بجي شتابدي ايڪسپريس سان دهلي ۽ ٢٩ ميءِ صبح جو دهليءَ کان ليهہ هوائي جهاز سان وڃڻ جو پروگرام آهي. اسان پنهنجا ڪپڙا ۽ ضروري سامان سهيڙڻ ۾ لڳي وياسين ۽ ممي سيني لاءِ رات جي ماني ناهڻ پچائڻ ۾. پاپا ڊرائنگ روم ۾ گهڙيو ۽ چيو، ’اڙي پائي ليهہ هلڻ جي ايڏي خوشي خو مونکي چانهہ ڪوپ ڏيڻ بہ وساري ڇڏيو.‘

ممي: ها، ها، توهان لاءِ چانهہ بہ ڪاڙهيان ٿي.

گيتا چيو، ’ممي، پاپا کي ميسو ۽ پاپڙ بہ ڏجانءِ. رات جي مانيءَ ۾ بيهن جي پاڇي رڌجانءِ. پاپا کي بيهہ ڏاڍا وڻندا آهن نہ.‘

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

پاپا کان ٺهڪ ٺهڪ نڪري ويو ۽ سڀ زور زور سان کلڻ لڳا.

ٻئي ڏينهن پاپا ٻئرا گڙه وجي، وڏي چاچا رامچند وٽان امان کي وٺي آيا ۽ ٽريول ايجنٽ وٽان ليهه وڃڻ جون ٽڪيٽون ٻه. واپسيءَ ۾ امرتسر وڃڻ جو پروگرام پڻ رٿيو هئائون جو امان گهٽائي پيرا امرتسر سورڻ مندر درشن ڪرڻ ۽ پوتر سروور ۾ سنان ڪرڻ جي چاهه ڏيکاري هئي.

ٽي ڏينهن ڪيئن گذري ويا ڪجهه خبر ئي نه پئي. ٢٨ ميءِ ٽئڪسي هڪ بجي اچي گهر ٻاهران بيني. پنهنجو پنهنجو سامان کڻي اچي اسان ٽئڪسيءَ ۾ ويناسين. امان چيو، آيو لال، ڪيو جهولي لال. ائين جهولي لال جي جئه سان اسانجي سنڌو درشن ياترا شروع ٿي.

ڪلپنا نگر کان ڀوپال ريلوي اسٽيشن جي دوري اٺ ڪلو ميٽر. لوڏا لڏڪا کائيندي اڌ ڪلاڪ ۾ اسٽيشن پهتاسين جو ڀوپال جا رستا خستاحال هئا. هڪ دفعو ته اهڙو لوڏو آيو جو سيني جا مٿا وچي جيپسيءَ جي ڇت سان ٽڪرايا. تڏهن گيتا چيو، شڪر آ جو اسان ليهه بس يا ڪار ۾ نٿا هلون، نه ته جهولي لال به اڌ رستي تان ساٿ ڇڏي وجي ها. سڀ کلڻ لڳا.

ڀوپال ريلوي اسٽيشن تي اڌ ڪلاڪ جي انتظار کان پوءِ اسان شتابدي ايڪسپريس ۾ سوار ٿياسين. سکون مليو جو ميءِ مهيني جي تيز گرميءَ مان بچيِ اي.سي. ڪوچ ۾ ويناسين. ٽرين ٢.٤٠ بجي دهليءَ ڏانهن رواني ٿي.

ڀوپال جي حد پار ڪندي ٽرين تيز رفتار سان هلڻ لڳي. ريلوي ڪيٽرنگ سروس وارا اسانجي سيوا ۾ لڳي ويا. منرل واٽر، سنئڪس، فروٽي سيني مسافرن کي پيش ڪندا ويا. امان ڪين انڊي منڊي هنديءَ ۾ منع ڪندي چيو، مونکي نهين کپي. تڏهن مون مسخري ڪندي چيو: امان وٺون وٺون، پئسا ڪونه لڳندو. مان ويني آهيان نه توهانجي مدد ڪرڻ لاءِ. وري سيني کان کل نڪري ويئي. ڪيٽرنگ سروس وارا به شايد سمجهي ويا هئا سي به مسڪرائڻ لڳا.

ٽرين پنهنجي رفتار سان هلي رهي هئي. امان پنهنجي ٻئگ مان شال ڪڍي پاتي جو ڪين سيءَ پوڻ لڳو هو. امان پاپا کان پڇيو، پت سنڌو ندي ته سنڌ ۾ هئي، تون ٿو چئين ته اسان سنڌو ندي ليهه ۾ ٿا ڏسڻ هلون، سو وري ڪيئن؟

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ها امان، سنڌو نديءَ جو اُدگم هند مان آهي. برفيلن پهاڙن تان لهندي، ٻين ندين، نالن کي پاڻ ۾ ملائيندي، سوين ميلن جو رستو طيءِ ڪري سنڌو وراٽ روپ ۾ وڃي سنڌ پوميءَ جي پياس ٻجهائيندي آهي، پاپا چيو.

هان، خوش هجين پٽڙا. مونکي تہ خيالن ۾ بہ ڪون هو تو وري ڪڏهن سنڌو ندي ڏسندس. واهہ منهنجا درياشاهہ، شڪر آهي. توکي وارون وار نمسڪار، دولهہ سائين جو عمر جي سنجها ۾ تو سنڌوءَ جو درشن ڪرائين.

راجيش، مان ۽ گيتا خوشيءَ ۾ پئي ٿهڪڙا ڏنا. پاپا ۽ ممي بارن جي خوشيءَ ۾ خوش پئي نظر آيا. امان شام متي تائين پائي پئي آرارام ڪيو. سوائين ڇهين بجي ٽرين اچي جهانسي اسٽيشن تي بيني. پاپا ۽ راجيش پليٽفارم تي لٿا تہ سهين پر جلد ئي واپس ٽرين ۾ چڙهي آيا. پاپا چيو، جهانسيءَ ۾ ڪا گرمي آهي، چڻ باهہ پئي ٿي وسي. پنجين منٽين ڪان پوءِ ٽرين وري رواني ٿي. ائين ئي ڪائيندي، پئيندي، خهڪڙا ڏيندي وقت پر لڳائي اُڏامي رهيو هو. ٽرين ڏسندي ڏسندي اچي گواليار پهتي. اسان سڀ ٽرين ۾ وينا رهياسين جو ڄاڻ هئي تہ جهانسيءَ ۽ گواليار جي گرمي توبنهہ ڪرائڻ واري هوندي آهي.

ٽرين هلڻ بعد ٿوري دير ۾ وري ڪيٽرنگ سروس وارا رات جي مانيءَ جا پئڪيٽس ڏئي ويا. الائي ڇو ٽرين ۾ سفر ڪرڻ وقت هرڪو وڏيس چر چر پيو ڪندو آهي. سڀ مسافر ڪائڻ ۾ جنبي ويا، اسان بہ. امان چيو: پائي ٽرين ۾ مهمانوازي تہ واهہ جي ٿا ڪن، سنڌي آهن ڇا؟

شتابدي ايڪسپريس ۾ اٿلي درجي جون سهوليتون ميسر ڪيل هيون. آرام واريون ڪرسيون، اي.سي. ڪوچ، ڪاڌي پيتي جو سهڻو انتظام، لڳاتار هلندڙ، روح کي راحت ڏيندڙ سنگيت ڪئسيٽ. بس بيو ڇا کپي؟ ماني ڪائي، اُستاد بسمللاهہ خان جي شهنائي ۽ پنڊت شو ڪمار شرما جو سنتور وادن ٻڌندي مسافرن تي ننڊ جي خماري چڙهڻ لڳي. پر راجيش، مان ۽ گيتا ڳالهين ۽ ٿهڪڙن ۾ مشغول هئاسين. من موافق ڪاريہ ٿين تہ انسان ڪيڏي خوشي ٿو ماڻي. اسانکي پنهنجو شهر ڀوپال ۽ پنهنجو گهر ياد نہ هو. ياد هئي تہ سنڌو ندي ۽ گليشيئرس.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ٽرين جو انن ڪلاڪن جو سفر ڇڻ اڪ ڇنپ ۾ گذري ويو. رات جو ۱۱.۰۰ بجي اسان دهليءَ پهتاسين. ٽريول ايجنٽ پاران ٽئڪسيءَ جو انتظام ڪيل هو ۽ رهائش پڻ. ڪلاڪ ڪن ۾ اسان ٽئڪسيءَ سان اچي هوٽل سن رائيز ۾ پهتاسين. سنو سهڻو هوٽل، شاندار ڪمرا. ماني ٽرين ۾ کائي آيا هئاسين سو هٿ منهن ڌوئي وڃي آرامي ٿياسين جو صبح جو ڇهين بجي فلائيٽ هئي ۽ چئين بجي هوٽل مان روانو ٿيڻو هو. اچانڪ ٻاهر تيز هوا هلڻ لڳي ۽ مينهن ۽ ڳڙا وسڻ لڳا. ميءَ مهيني جي گرمي پڇ لڪائي الائي ڪيڏانهن ڀڄي ويئي ۽ ٿڌ اچي ڪڙڪي. اسان به ڪنبل پائي سمهي پياسين. سمهياسين نه سمهئي جهڙا، ابئي بجي اٿي ڪڙا ٿياسين. ڪوسي پاڻيءَ سان سنان ڪري چئين بجي ٽئڪسيءَ سان روانا ٿياسين. رات جو مينهن پوڻ سبب ڪوهيڙو (ماڪ چانيل هو، ٿڌڪار به هو. اسان پوڻي پنجي بجي ايئر پورٽ پهچي ويٽنگ لائونج ۾ اچي ويناسين ۽ سوائين بنجي ڀڄي سيڪيورٽي چيڪ بعد جيٽ ايئرويز جي جهاز ۾. جهاز ۾ ويناسين ئا ڇڻ قئد ٿي پياسين. موسم خراب هئڻ ڪري هوائي جهاز رن وي تي ئي رومنگ ڪندو رهيو ۽ اسانجي دهليءَ کان ليهه تائين هڪ ڪلاڪ جي فلائيٽ ٻن ڪلاڪن جي ٻڻجي پئي. پلئن ڇهين بدران ستين بجي اُڏام ڀري.

راجيش امان جي پر ۾ وينو ۽ ڪين سمجهائڻ لڳو ته هوائي جهاز ۾ ڇا ڇا ڪرڻ کپي. بيلٽ ڪيئن ٻڌبي آ، ڪنن ۾ ڪپهه ڇو وجهبي آ وغيره وغيره. ڇو جو امان پهريون ڀيرو هوائي جهاز سان ياترا ڪري رهي هئي. جڏهن جهاز رن وي ڇڏي، اُڏام ڀري تڏهن راجيش امان کان پڇيو، امان، پئُه ته نتو لڳيو؟ امان ڇيو پئُه ڇا جو پئُه. ائين ٿو لڳي ڇڻ ڇوڏول ۾ چڙهي وينا آهيون. اسان سنڌ ۾ الائي گهڻا ڀير ڇوڏول ۾ چڙهياسين، تون اجايو ڀيو ڏيڇارين. تڏهن ايئر هوسٽيس ڪي ڏسي امان ڇيو، هيءُ سهڻيون سهڻيون ڇوڪريون گهمن ڇو پيون ٿيون، وهڻ جي جاءِ نٿي ملين ڇا؟

امان، اهي ايئر هوسٽيس آهن. توهانجي لاءِ کاڌي پيتي جو انتظام ڪنديون.

هان...معنيٰ وري اسانجي مهمانوازي. اهي به سنڌي آهن. پٽ، پوءِ تون به انهن مان ڪٽي کا ونڙي ڳولهه، تون به ته انجنير

This book Published on Internet by:

www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

آهين.

ها امان، مان چئني پنجني کي ئي ڻو وني هلان. ڏسو هلن تہ پيون ڦيون مونسان گڏ ليهہ. ٻئي کلڻ لڳا.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ پلئن گليشيئرس مٿان اُڏام شروع ڪئي. مان جهاز ۾ دريءَ پرسان ويني هئس. گليشيئرس ڏسي سڌ ٻڌ ئي وڃائي وينيس ۽ وات مان نڪري ويو، پاپا - پاپا هيٺ نهاريو. رڙ ٻڌي هڪدم ايئر هوسٽيس اچي ويئي ۽ پڇڻ لڳي:

**What happened?**

**Oh ,nothing** مون چيو.

**I was just fascinated to sse these beautiful Glaciours.**

**I could**

**not control my joy.**

**Oh I see.** چئي ايئر هوسٽيس مسڪرائي هلي ويئي. هيٺ چا تہ نظارو هو، انيڪ پهاڙن جون چوٽيون، چانديءَ جهڙي برف سان ڍڪيل. دل چاهيو تہ پلئن اتي ئي بيٺو رهي ۽ اسان اهي نظارا ڏسندا رهون. ايڏي سندرتا جنهنجي واکاڻ شبدن ۾ ڪرڻ ناممڪن آهي. ليهہ پهچڻ کان پهرين ئي ياترا جو آنند ملي ويو هو. اسان پاپا جي سارا‌هہ ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي نہ سگهياسين.

مون چيو، يهي هئہ رائيٽ چائس - آها -

راجيش : اسان سينگاپور هلون ها تہ اهڙا قدرتي نظارا ڏسڻ کان محروم ٿي وڃون ها.

گيتا: **You are simply great papa.**

جهاز ويهہ منٽن تائين برفيلي چوٽين مٿان اُڏندو رهيو ۽ اسان قدرت جا ناياب سندرتا اکين ۾ پريندا وياسين، جيڪا هميشهہ اسانجي اکين ۾ سمايل رهندي.

انين ٻجي پلئن ليهہ ايئرپورٽ تي لئنڊ ڪيو. انائونسمينٽ ٿي تہ ٻاهر جو ٽيمپريچر آهي ٧ سي. پلئن کان ٻاهر اچڻ تي هڪدم محسوس نہ ٿيو تہ ٽيمپريچر ٧ سي آهي پر ڏيري ڏيري ٿڌ محسوس ٿيڻ لڳي. اسانکي هدايت ڏني ويئي تہ هميشهہ گرم ڪپڙا پائي هلو نہ تہ بيمار پوڻ جو امڪان رهندو. اسانکي بہ محسوس ٿيو تہ ٿڌ سان مٿو ڳرو ڳرو پيو ٿيندو وڃي سو گرم ڪپڙا ۽ ٽوپ پاتاسين. ليهہ ايئر

پورٽ ڪافي ننڍو هو. هتان تمام گهٽ فلائيٽس هيون. اسان پلئن مان لهي پنڌ ئي ٽرمينس ڏانهن وياسين.

هتي به ٽريول ايجنٽ پاران ٽئڪسيءَ ۽ رهائش جو بندوبست هو. اسان جيپسيءَ سان هوٽل ڏانهن ويندي به ليهه جي خوبصورتيءَ جا درشن ڪندا وياسين. چئني طرف برفيلي چوٽيون وچ ۾ ليهه. هيءَ جڻ ڪا بي دنيا هئي. نه ڪارن موٽرن جو گوڙ نه پردوشڻ. شانت واتاورڻ. ساوڪ هتي تمام گهٽ. آڪسيجن جي ڪمي ۽ برف سبب وڻ ٽڻ گهٽ پئي نظر آيا. پندرهن منٽ جيپسي گول

گول گهمندي اچي هوٽل ’ياڪ ٽيل‘ پهتي. ننڍو صاف سٿرو خوبصورت هوٽل. اسان لاءِ به وڏا روم بوڪ هئا. ڪمرن ۾ نه اي.سي. نه پنکا. پلنگن تي ڪپهه جا ٽلها گدا ۽ ٽلهيون سوڙيون. اسانکي هدايت ڏني ويئي ته هڪ ڏينهن هوٽل جي روم ۾ ئي آرام ڪيو، جيئن شرير هتان جي ٽيمپريچر سان تال ميل ڪري سگهي. پيو وري پيئڻ لاءِ گرم پاڻي ڏنو ويو. پر اسانکي ته هوٽل جي روم ۾ مزو ئي نه اچي. اڌ ڪلاڪ کن ڪان پوءِ پاپا کي چيوسين، پاپا اسان ته ٻاهر هلندسين. ٿورو گهمي ڦري ٻاهر ئي ريسٽران ۾ منجهند جي ماني کائي پوءِ اچي آرام ڪنداسين. ليهه اچي بستري ۾ سمهي پئون، اهو اسانکي سنو نٿو لڳي. هاڻي بارن اڳيان ڪنهنجي هلي. سويٽر پائي شال ڪٽي ٻاهر آياسين، هوٽل جي لان ۾ ڪجهه فوٽو ڪلڪ ڪياسين ۽ ليهه جي لاهيءَ چاڙهيءَ وارن رستن تي گهمڻ نڪتاسين. سرديءَ پنهنجو رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيو. اماں به ساڻ هئي. پنجهتر سالن جي اوستا. پاپا سڀني لاءِ گرم ٽوپ ورتا، لداخي ٽوپ. اهي عجيب طرح جا ٽوپ پائي اسان به لداخي لڳڻ لڳاسين. لداخي ماڻهن جا ڳٽا ڳاڙها، اکيون ننڍيون ۽ نڪ مِنو، پر اسان رڳو ٽوپ لداخي پاتو هو. شهر ۾ ڪافي ٽوئرسٽ آيل هئا. پهرين ڪان ٽين جون تائين سنڌوءَ جي ڪناري تي آيوجت ميلي ”سنڌو درشن“ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ملڪ جي جدا جدا پرانتن مان ماڻهو آيا هئا. مطلب ليهه جي رونڪ وڌي ويئي هئي. مميءَ ۽ گيتا ٿڌ سبب تڪليف محسوس ڪئي تنهنڪري اسان واپس هوٽل آياسين ۽ اتي ئي ماني کائي سوڙين ۾ سوگها ٿياسين. ٿڌ به ٿڌ جهڙي هئي. ڏيري ڏيري ٽيمپريچر گهٽ ٿيندو ويو ۽ رات ۾ شايد 0 سي ڪان به گ هٽ ٿي ويو. اسان متي تائين ٽلهيون سوڙيون پائي سمهياسين تڏهن

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

به چڙهڻ ٿڌ پئي لڳي. انسان به عجيب پراڻي آهي، ڪيئن نه قدرت جي مزاج سان تال ميل ڪري ٿو. ماڻهو هتي ڪيئن گهاريندا هوندا. ٽوئرسٽ ته ڪجهه ڏينهن رهي، سندر نظارا ڏسي روانا ٿيندا پر هتان جا ماڻهو ته مشڪلاتن کي ئي همراهه بڻائي رهندا. شاباش آهي هتان جي ماڻهن کي ۽ ڀارت جي فوجي جوانن کي. ڪيئن نه بلند حوصلي سان ديش جي سيما جي رکشا لاءِ تعنات آهن. ڪيڏيون ڪٺن حالتون، گهر پريوار کان دور، دوستن يارن کان پري، همت ۽ حوصلي سان ڊپ کي به ڊيڄاري ڀڄائي ڇڏڻ جو معدو. آمين.

اسان به ڀلند حوصلن سان سنڌو درشن لاءِ آيا هئاسين ٿڌهن ته موسم سان تال ميل ڪري صبح جو ڏند ڪڙڪائيندي ستين بجي اٿي ڪڙا ٿياسين. اڄ ٣٠ مئي ۽ نوين بجي جپسيءَ سان سامونڊي سطح کان ١٨٠٠٠ فوٽ مٿي برفيلي چوٽيون چڙهڻ وڃڻو آهي. جڳهه جو نالو آهي ”ڪردُنگلا“. ڪردُنگلا هندستان جو اهڙو استان آهي جيڪو ايترو اونچو هئڻ جي باوجود موٽريبل روڊ سان جڙيل آهي.  ناشتو ڪري اسان سڀ ٽائيم تي تيار ٿياسين. ٿڌهن هوٽل جي مئنيجر صلاح ڏيندي چيو: اوهان کي اُن استان تي نه وڻي وڃو، اتي ٽيمپريچر زيرو ڊگري فارهنس کان به گهٽ هوندو آهي. پر اسان ته سنڌ جا ڪير مڪڻ کاڌا هئا، چوڻ لڳي ته مونکي ٽيمپريچر جا ڪندو، هيءُ سويٽر، شال، ٽوپ آهي ته سهين، هلو وهو گاڏيءَ ۾، ڇڙو جهولي لال. اسان جپسيءَ ۾ اچي ويناسين. ٿڌ پوري شباب تي هئي. پاپا کي دل ۾ ڌڪ هئي: اگر برفيلي چوٽين تي پهچڻ بعد اسان کي تڪليف ٿي ته ڇا ڪبو؟

جپسي ليهه جا رستا لتاڙيندي هاڻي پهاڙي رستن تي هلي رهي هئي. ننڍا، ٿيڙا ميڙا رستا، پهاڙن تي جميل برف، سج جي تپت سان رجي رستن کي پسائي رهي هئي. پهاڙ جا هئا، چڻ چانديءَ سان مڙهيا پيا هئا. اهڙا نظارا ڏسي پلا ڪنهنجي اِڇا نه ٿيندي ته جپسيءَ مان لهي، نديءَ جهڙي برف کي ڇُهي ڏسئون ۽ خوبصورتيءَ کي ڪئميرا ۾ قيد ڪيون. اسان ۽ ممي جپسيءَ ۾ ئي وينا رهيا، اسان هيٺ لهي آياسين. خوبصورت نظارا ڏسي ٿڌ کي ڀلجي وياسين. مان ته ڪئميرا کڻي ڦٽاڦٽ ڍهه فوٽو ڪلڪ ڪيا. پاپا، راجيش ۽ گيتا به قدرت جا ڪرشما ڏسي وائڙا ٿي پيا هئا. اسان پنهنجا فوٽوگراف به

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

کڍيا، پوءِ واپس جيپسيءَ ۾ اچي ويناسين. ليهہ کان کردُنگلا ۴٠ ڪلوميٽر، وچ وچ ۾ فوجي جوانن جون لاريون بہ پئي آيون ويون. پاڪستان جي دهشتگردن جي آمد روڪڻ لاءِ ڪين ڊيوٽيءَ تي تعنات ڪيو ويو هو. ٻئي ٽوئرسٽ بہ کر دُنگلا وڃي رهيا هئا. آخر اڍائي ڪلاڪن جي ياترا بعد اسان پنهنجي مقام کردُنگلا پهتاسين.

هيٺ لهي ڏسون تہ مار! رستي جي ٻنهي پاسي پهاڙن تي برف ئي برف. امان جيپسيءَ ۾ ويٺي پئي سونهن پسي. برف ڇا هئي ڄڻ پشم هئي، نرم نرم ٻورو. اسان ڊڪندي ڊڪندي پشم ۾ گهڙي پياسين ۽ برف جا ڳنڍا ٺاهي هڪ ٻئي کي هڻڻ لڳاسين. ائين ڪندي اسانجا هٿ ۽ شرير بہ ڄڻ برف ٿي پيا. ٿڌ برداشت ڪرڻ کان وڌيڪ هئي، ٽيمپريچر ۵ ڊگري فارهنس . پاپا ۽ ممي تہ ڪن منٽن ۾ ئي ڏند ڪڙڪائيندا برف کان ٻاهر آيا پر مان، راجيش ۽ گيتا تہ ڄڻ برفيلي چوٽي فتح ڪرڻ آيا هئاسين. اسان اڃان مٿي چڙهڻ لڳاسين، تڏهن فوجي جوانن اسانکي سترڪ ڪندي چيو، وڌيڪ مٿي نہ وڃو، اگر ڪو کڏو وغيره هوندو تہ برف ۾ پيهي وڃڻ جو ڀئہ آهي. امان بہ پاڻ روڪي نہ سگهي ۽ جيپسيءَ مان لهي وڃي برف جو ڳنڍو ٺاهي کڻي آئي. چوڻ لڳي، توهان سڀ پيا موج ماڻيو ۽ مان جيل ۾ ويٺي هجان. اسان بہ برف مان نڪري ٻاهر آياسين. هاڻي سڌ پيئي تہ ٿڌ ڇا ٿيندي آ. سڄو بدن ڄڻ پارو. فوجي جوانن اسانکي چوڪيءَ ۾ گهرائي گرم گرم چانهہ جي آڇ ڪئي. اتي ڪاٺين جو اَلاءُ ٻري ئي پيو. هٿ سيڪي، ناشتي لاءِ آندل نمڪين، مٺائي ۽ فروٽ جوانن سان شيئر ڪري، گرم چانهہ پي ٿڌ کي قابوءَ ۾ ڪيوسين. اتي وڌيڪ ترسڻ مناسب نہ هو، نڪ، ڪن ايڏا ٿڌا ٿي پيا جو ڇُهڻ تي لڳو تہ ڄڻ آهن ئي ڪونہ. اسان کردُنگلا لڳ ڀڳ چاليهہ منٽ ئي رُڪياسين، پر چاليهن منٽن ۾ ئي کر دُنگلا جي سونهن کي ڳيتون ڏيئي پيتو هئوسين. پوءِ فوجي جوانن کي سلام ۽ برفيلي چوٽين کي الوداع ڪري واپس ليهہ روانا ٿياسين. امان بلڪل ٺيڪ هئي، چست درست. واپسيءَ ۾ بہ وري خوبصورت واديون، برف ڏسندي، ٽيڙا ميڙا گول رست تئہ ڪري ٻي بجي اچي هوٽل پهتاسين. هوٽل پهچندي ئي اسانجي پيٽ ۾ ڪئا ڊڪڻ لڳا. هڪدم مانيءَ لاءِ آرڊر پليس ڪري هٿ منهن ڌوئي ماني کاڌيسين ۽ پوءِ سوڙيون پائي لت ڪوڙي سمهي پياسين جو رات جو ائين بجي اٿياسين

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

۽ وري ماني کائي سمهي پياسين. ليهه ۾ اهو ئي تہ کم هو گهمڻ، سمهڻ، ماني کائڻ ۽ ٿڪڙا ڏيڻ.

سپاٽي ۳۱ مي ۽ اسانکي ”ٿڪسي گونپا“ ڏسڻ وڃڻو آهي. ها، ”گونپا“. لداخي ڀاشا ۾ ٻوڌ مٺ کي گونپا چوندا آهن. ليهه ۽ آس پاس انيڪ گونپا آهن پر ٿڪسي گونپا هتان جو پراڻو ۽ برسڌ، اونچي پهاڙ تي ٺهيل آهي. ٻيو پرسڌ مٺ آهي ”هيمس گونپا“، جيڪو شهر جي وچ ۾ آهي. اسان سڀ ڪان پهرين سنڌو ندي ڏسڻ تي چاهي پر ٽريول ايجنٽ سنڌو درشن جو ڪارڪرم ڏ جون تي رکيو هو، جو ان ڏينهن سنڌوءَ جي ڪناري تي خاص ميلو لڳڻو هو، جنهن ۾ پارٽ جو اپ پرڌان منتري شري لال ڪرشڻ آڏواڻي ۽ ٻيا نيتا ۽ معزز ڪماڻهو سرڪت ڪرڻ وارا هئا. صبح جو اٿ گرم پاڻيءَ سان سنان ڪري ناشتو ڪيوسين. ساڍا نوَ ٿيا تہ ٽائيم جو پابند ڊرائيور بہ اچي ويو. ڊرائيور ٻڌايو تہ ٿڪسي گونپا ويندي وچ ۾ سنڌو نديءَ جو درشن بہ ڪري سگهنداسين ۽ اهو استان بہ ڏسي سگهنداسين جتي سپاٽي خاص پوڄا ارچنا ۽ سانسڪرتڪ پروگرام ٿيڻو آهي. اسانجي تہ من جي مراد پوري ٿي. سنڌو ندي اسانکي آڪرشت ڪرڻ لڳي. اڄ وري شروع ٿي اسانجي اهاڙي رستن جي ياترا. ٿڌ هميشه وانگر شباب تي هئي. اسان بہ سويٽر، ٽوپ، گلووز وغيره پائي چهري تي ڪريم لڳائي پوري تياريءَ سان نڪتا هئاسين. ليهه جو مارڪيٽ ڪافي ننڍو هو، جنهن ۾ گرم ڪپڙن جا ڪافي دڪان هئا. ٽوئرسٽ پليس هئڻ ڪري هوٽل، ريسٽران ۽ ٽريول ايجنٽن جي بہ سٺي تعداد هئي. مهانگائي ڏاڍي هئي جو کاڌي پيتي جو سامان، ڀاڄيون، فروٽ هماچل پرديش مان ايندو هو. ۸ - ۱۰ ڪلو موٽر ياترا تئہ ڪري اسان فوجي ڇاوڻيءَ جي سامهون پهتاسين. ٿورو اڳتي هلڻ تي ڊرائيور ساڄي پاسي اشارو ڪندي چيو تہ سامهون وهندڙ ندي سنڌو آهي. اڄ اوڏانهن وڃڻ منع آهي. سپاٽي ٿيڻ واري جلسي جون تياريون هلي رهيون آهن.

سامهون وهندڙ ندي ڏسي اسانکي وشواس ئي نہ ٿيو تہ اها سنڌو ندي آهي. امان بہ چيو، شايد ڊرائيور کي ڄاڻ نہ آهي، سنڌوءَ ۾ هو اٿاهہ پاڻي. اسان بہ سنڌوءَ کي ساگر جي روپ ۾ پڙهيو هو. هتي تہ نہ وهڪري تيز پئي لڳو ۽ نہ ئي نديءَ جو پيٽ (ويڪر) وڏو هو. ڊرايور

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ٻڌايو، اڳتي وڃي نديءَ جي ويڪر ۽ وهڪرو تيز ٿيندو آهي، ڇو تہ پهاڙن جي برف رجي اچي سنڌوءَ جي جل ۾ اظافو ڪندي آهي. ڪجهہ دير کان پوءِ اسانکي سنڌوءَ مٿان نهيل پل پار ڪرڻي پوندي، اتي توهان ڏسندا سنڌوءَ جو وهڪرو بہ تيز آهي ۽ پيٽ بہ وڏو آهي. ڏهن منٽن بعد اسان پل پار ڪندي سنڌوءَ جو درشن ويجهائيءَ سان ڪيو. پل پار ڪري ڊرائيور ڪي ٿوري دير ترسڻ جو چيوسين ۽ جپسيءَ مان لهي سنڌوءَ جي ڪناري تي آياسين. صاف، نرمل جل ڏسي من ٺري پيو ۽ هڪدم مائناز شاعر نارايڻ شيام جي ڪويتا زبان تي تري آئي:

”گنگا جمنا امرت امرت
سنڌوءَ جي جل تنهن مثل “

اسان ٻڪ ڀري ڀري سنڌوءَ جو ٿڌو نرمل جل پيتو. امان ڇانور، ڳڙ ۽ ريزو رئي ۾ ٻڌي آئي هئي. سپني کي ڪناري تي وهاري پلئہ پاتائين ۽ سنڌوءَ جو چندو هٿي اکو ارپڻ ڪيائين. نديءَ جو نرمل جل هجي، سو بہ سنڌوءَ جو، پوءِ ڀلا اسان پاڻ کي ڪيئن روڪي سگهون؟ سو گهڙي پياسين پاڻيءَ ۾. ڪناري پرسان پاڻي خاص اونهو نہ هو، پر ٿڌو تہ جهڙو برف. امان ۽ ممي تہ جهٽ ٻاهر نڪري آيا. مان، راجيش، گيتا ۽ پاپا ڪناري کان ٿورو اڳتي وڃي هڪ وڏي پٿر تي اچي ويناسين. ڇئني پاسي پاڻي ۽ اسان وچ ۾ هڪ وڏي پٿر تي. پاپا کي تہ ڏاڍو آنند ملي ويو. چوڻ لڳا، پائي هاڻي توهان سڀ پلي گهمڻ وڃو، مان تہ ويهي ٿو تپسيا ڪيان هن پٿر تي. جيئن ڪنياڪماريءَ جي سمنڊ ۾ وويڪانند راڪ آهي، تيئن هتي سنڌوءَ جي جل ۾ هيءَ چٽان چوائيندي ”ڪي. ٽي. راڪ“. (پاپا جو نالو ڪي. ٽي. دادلاڻي آهي). اسان چيوسين، نہ پاپا، اسان بہ تا هتي تپسيا ڪيون، پوءِ اها چوائيندي، ”دادلاڻي راڪ“ ۽ سڀ کلڻ لڳا. اسان پورو ڪلاڪ سنڌوءَ سان مڪاميلو ڪيوسين، پوءِ واپس جپسيءَ ۾ اچي گونپا ڏانهن روانا ٿياسين. گول گول رستن تان گهمندا، سنڌوءَ کي پهاڙن تان، ننڍي ننڍي ڌارائن ۾ هيٺ لهندي ۽ پهاڙن جي برف ڏسندا اسان چاڙهي چڙهي رهيا هئاسين. گونپا ڪافي اونچي استان تي نهيل هو ۽ جپسيءَ لاءِ گونپا تائين وڃڻ جو رستو نهيل نہ هو، سو ڪافي هيٺ جپسيءَ کي آرام ڏئي اسان پنڌ پنڌ مٿي چڙهياسين. اتي ٽئورسٽ ورلي هئا. مٿ

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ڪافي پراڻو هئو، ٻوڌ ڀڪشو براجمان هئا. اسانجي ٻولي سمجهڻ وارو ڪوئي نہ هو. خوبصورتي واهہ جي هئي. قدرت دل سان هتي خوبصورتيءَ کي پکيڙيو هو. سنڌوءَ جي پهاڙن تان وهڻ جي ڪل ڪل سريلي سنگيت جيان پئي لڳي، قدرت جي سونهن اکين کي راحت پئي ڏني. شهرن جي ڀاڱم ڀاڳ کان دور هتي ڪيڏو سڪون هو. گونپا ۾ پرارٿنا چڪر (Pray Wheel) لڳل هو. انيڪ گول گول لڪڙيءَ جي ڏنڊن کي فريم ۾ ائين لائين سان فٽ ڪيو ويندو آهي جيئن هٿ جي دٻاءَ سان گول گهمي سگهي. پرارٿنا ڪرڻ لاءِ، هلندي هلندي هڪ هڪ لڪڙيءَ جي ڏنڊي کي ڇُهندو ۽ گهمائيندو هلي، وچ ۾ هٿ ڏنڊن تان نہ هٽڻ کپي. اسان سڀني بہ شرڌا سان پرارٿنا چڪر گهمايو ۽ مهاتما گوتم ٻڌ کي نمن ڪيو. واپس ايندي وري سنڌوءَ ڪناري اچي چل پيتوسين. شهر پهچندي اڏائي ٿي ويا هئا، سڄي شهر ۾ 'سنڌو درشن' اُتسو جا بئنرس ۽ پوسٽرس لڳي ويا هئا. اسان شري لال ڪرشڻ آڏواڻيءَ کي شاباش ڏني جو 'سنڌو درشن' اُتسو پرارنڀ ڪري سنڌيت جو الک جڳائڻ جو ڪاريہ ڪيو هئائين. اسانکي بہ انتظار آهي سياڻي ڏ جون تي اُن اُتسو ۾ شامل ٿيڻ جو. شهر ۾ اسان ''هيمس گونپا'' ڏسڻ وياسين. وڏي ايراضيءَ ۾ ڦهليل نئين اڏاوت ۽ سجاوت وارو ''هيمس گونپا''. درشن ڪري، پرارٿنا چڪر گهمائي اسان ريسٽران ۾ ماني کاڌي. هاڻي ٿڌ وڌڻ لڳي هئي. امان چيو، پائي هاڻي هلو تہ هلي سوڙين ۾ سوگها ٿيون، اڄ گهڻو ئي گهمي آياسين. سو سڀئي هوٽل ۾ اچي مٿي ٽائين سوڙيون پائي سمهي پياسين. ائين گهوڙا وڪڻي سمهياسين جو رات جي ماني بہ نہ کاڌيسين ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اٺين بجي ئي ننڊ کلي. ڪلهہ پئدل وڌيڪ هلڻ سبب سڀ ٿڪجي پيا هئاسين. امان سڀني کان اڳ اُٿي ۽ سڀني کي اُٿاريندي چيو، اُٿو پائي! جلدي ڪيو، ڊرائيور اچڻ وارو هوندو. اُٿي، هٿ منهن ڌوئي چانهہ پي هلو. سنان پاڻي سنڌوءَ تي ئي هلي ڪنداسين. ماني وغيره سنڌوءَ جي پوڄا ارچنا ڪري اکو پائي پوءِ کائينداسين.

مون چيو: امان بنا سنان جي ئي پيا ٿا ڏڪون، پوءِ سنڌوءَ ۾ سنان ڪيئن ڪر سگهبو؟ ڪلهہ ڏٺَئہ تہ سهين، پاڻي ڄڻ برف لڳو پيو هو. هتان گرم پاڻيءَ سان سنان ڪري ٿا هلون، پوءِ بہ اتي هلي پاڻيءَ کي ڇُهي ڏسنداسين ۽ اڃا ٿي تہ سنان ڪنداسين نہ تہ پنج - سناني

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ڪٽي ڪبي. سنڌوءَ جي جل جي شيشي پري هلي پوپال جي تلاءَ ۾ وجھنداسين، پوءِ ته روز پيا سنڌو جل ۾ سنان ڪنداسين.
امان ڪلندي چيو، ڏاڍا ڏنگا آهيو ءِ سپ ڪلڻ لڳا. اڄين ڪلڻ سان ڏينهن جي شروعات ٿي. اسان سنان ڪري چانهه / ڪافي پئي پيتي ته ڏهين بجي ڊرائيور به حاضر ٿيو ءِ اسان روانا ٿياسين سنڌو درشن اتسو ۾ شامل ٿيڻ لاءِ. اڄ شهر ۾ چهل پهل وڌي ويئي هئو. جڳهه جڳهه سينا جا جوان سيڪيورٽيءَ لاءِ تعنات هئا. منسٽر، اعليٰ آفيسر، معزز مهمان، فلمي ڪلاڪار ءِ لوڪ ڪلاڪار جو اچڻا هئا. ڪافي موٽر ڪارون، بسيون جلسي جي استان ڏانهن پئي ويئون. اسان به اڌ ڪلاڪ ۾ اچي پهتاسين. ماڻهن جي تعداد ڪافي هئي. سنڌوءَ جي ڪناري وڏو مئدان هو، جنهن ۾ شاميانو لڳائي چار پنج سوَ ڪرسيون رکيون ويئون هيون. ڪار پارڪنگ لاءِ پڻ ڪافي استان هو. جلسي جي استان مٿان هيليڪاپٽر پئٽرولنگ ڪري رهيو هو. شاميانې ۾ رکيل ڪرسيون والارجي چڪيون هيون، گھڻا ماڻهو شاميانې کان ٻاهر اُس ۾ بينا هئا. اڄ اُس ڪافي تکي هئي. جيڪي ٽوئرسٽ ڇهري تي ڪريم نه ٿڦي
آيا هئا تن جا ڳل ڳاڙها ٿي پيا هئا. پاپا کان به ڪريم لڳائڻ وسري ويو هو.
پارٽ جو اُپ - پرڌان منتري شري لال ڪرشن آڏواڻي، سُشري اُما ڀارتي، جمون ڪشمير جي مکيه منتري شري فاروخ عبدالله شري جڳ موهن، فرلي ڪلاڪار وجيه آنند، وڏو ونود چوپڙا ٻين معزز مهمانن سان گڏ سنڌوءَ جي ڪناري آيا. سنڌوءَ جي پوڄا ارچنا ڪري اتي جا ڏيا دوني ۾ رکي پرواهت ڪيائون. سيني گڏجي سنڌوءَ جي جئه منائي. هيءُ جلسو جڻ سنڌ ءِ هند کي جوڙڻ جو جلسو بڻجي پيو. شري لال ڪرشن آڏواڻيءَ پنهنجي تقرير ۾ چيو: ڪيڏي نه سهڻي ءِ سني ڳالهه ٿئي جو هڪ ئي ڏينهن هندستان ۾ شري اٽل بهاري باجپيئي ءِ سنڌ ۾ شري پرويز مشرف سنڌوءَ جي ڪناري تي اتسو ملهائن ءِ سنڌو ٻنهي ملڪن وچ شانتيءَ جو ماڌيم نهي. ٻين نيتائن، ڪلاڪارن به اهڙني جلسين جي ماڌيم سان ملڪ ۾ ايڪتا جو سنديش ڏنو.
تنهن کان پوءِ الڳ الڳ پرانتن مان آيل ڪلاڪارن لوڪ نرتيه پيش ڪيا. سنڌو لوڪ نرتيه پيش ڪيو سنڌين جي سهڻي لاڏلي ڪلاڪار

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

انيلا سندر. انيلا ۽ ممبئيءَ کان ساڻ آيل سندس گروپ شاندار لوڪ گيت تي نرتيہ پيش ڪيو. گيت جا ٻول هئا:

آڪاش مان لهندي اچي
جبلن مٿان جهولندي اچي
سنڌو - سنڌو - سنڌو......

نرتيہ جي ڪوريوگرافي ۽ ڪلاڪارن جو نرتيہ شاندار هو. سيني تاڙيون وڄائي ڪلاڪارن کي داد ڏنو. سنڌي گيت ۽ نرتيہ ڏسي اسان ڏاڍا خوش ٿياسين. انيلا سندر سان بہ گڏياسين. ڪيس ليھ جي وادين ۾ سنڌيت کي گنجايمان ڪرڻ لاءِ واڌايون ۽ شڪريہ چيوسين. اروڻاچل پرديش ۽ لداغي لوڪ نرتيہ بہ پيش ڪيا ويا. لداغي لوڪ نرتيہ ۾ شري لال ڪرشن آڏواڻي ۽ شري فاورخ عبدلله بہ شامل ٿيا.

اسان سنڌوءَ ڪناري آياسين. پاپا، ممي ۽ امان سنان ڪرڻ جي پڪ ڪري آيا هئا. پاپا چوڻ لڳا سنڌوءَ ڪناري اچي ٽٻي نہ ڏيڻ اهو ڪيئن ٿي سگهندو. ٿيئي جٽا همت ڪري برف جهڙي پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا. پاپا، ڏاڏيءَ (امان) جو هٿ پڪڙي کيس موتو ڏيندي چيو: امان جلدي هڪ - بہ ٽوٽو نائي ٻاهر نڪر. پر امان چيو: چڏ لوٽي جي پچر، تون منهنجو هٿ پڪڙي بيھ، مان ٽٻي ڏينديس. ڦٿاڦٽ ٽي ٽٻيون ڏنئي پوءِ پاپا کيس ٻاهر وٺي آيا. امان ٻاهر نڪري مڇيءَ وانگر پئي ڦٿڪي. ممي بہ ڏٻي ڏيئي ٻاهر نڪري ڏڪي رهي هئي. جهٽپٽ ڪپڙا بدلائي، سويٽر، ٽوب پاتائون. پاپا وري سنڌوءَ ۾ گهڙي ٽي ٽٻيون ڏيئي نڪتا. اسان سندن ڏڪڻي ڏسي پنھ ـ سناني ڪئي ۽ پاڻيءَ جون چار شيشيون ڀري کنيون. پوءِ امان درياہ ڪناري مٿو ٽيڪي سنڌوءَ کي اکو ارپڻ ڪيوسين. امان پلئہ پاتو:

درياہ شاہ دادلا تنهنجو ٻٽيو ٿئي تہ ٻڪر،
چڙهي ڏسان چوراسيءَ تي دولھ تنهنجو در.

پلئہ پائي امان سيني کي سنڌو جل جي ڏات ڏني. پوءِ اسان سنڌوءَ کي پرڻام ڪري واپس ورياسين. پاپا تہ ڏاڍا خوش هئا. چوڻ لڳا: منهنجو من مونکي شاباشي ڏيئي رهيو آهي. چوي ٿو اهڙو موقعو پيلا هند ۾ رهندڙ گهٽن سنڌين کي نصيب ٿيندو. اسان سڀ بہ خوش هئاسين پر پاپا جي خوشي ڪا الڳ هئي.

اسانجو اڄ ليھ ۾ آخري ڏينهن هو. سڀاڻي صبح جو فلائيٽ

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

سان دهليءَ روانو ٿيڻو آهي. اڄ اڃان اسانکي ليهه کان ٤٠ ڪلوميٽر دور ”گرودوارو پاٿير صاحب“ جو ڪرشن ڪرڻ وڃڻو آهي ۽ شام جو ڇهين بجي ليهه جي پولو گرائونڊ تي سانسڪرتڪ ڪاري ڪرم پڻ ڏسڻ وڃڻو آهي. اسان ريسٽران ۾ چانهه ناشتو ڪري گرودواري درشن لاءِ روانا ٿياسين. سنڌو به اسان سان گڏ پئي هلي. اسان ڪڏهن سنڌوءَ جي هن طرف ته ڪڏهن پل پار ڪري هُن طرف، واهه جا نظارا ڏسندي ڪلاڪ کن ۾ گرودواري پهتاسين. گرودواري پنيان پٿريلا پهاڙ، بلڪل اُجاڙ، نه وڻ ٽڻ نه ساوڪ نه برف. گرودوارو تمام سنو، صاف سٿرو نهيل. ڏهه - پندرهن شيواڌاري ۽ درشن لاءِ آيل شرڌالو. اسان درشن ڪري لنگر ۾ پرساد گرهڻ ڪيو. اسانکي

گرودواري جي شيواڌاري ٻڌايو ته هن استان جو نالو پاٿير صاحب ڪيئن پيو؟ هن ٻڌايو:

هتي پهرين ماڻهن جي بستي هئي ۽ سامهون واري پهاڙ تي راڪاس رهندو هو. هو پنهنجي بک مٽائڻ لاءِ ماڻهن کي ماري کائيندو هو. ماڻهو ڏاڍا پريشان هئا. هڪ ڏينهن گرو نانڪ ان بستيءَ ۾ آيا. ماڻهن سندن آجيان ڪري، راڪاس واري ڳالهه ٻڌائي. هوڏانهن راڪاس کي به ڄاڻ ملي ته ڪو گرو آيل آهي، سو ڪروڌ وچان اتي اچي ڪڙڪيو، جتي گرو نانڪ ويٺي ماڻهن سان چرچا ڪئي. گرو نانڪ جي پٺ راڪاس ڏانهن هئي. راڪاس پهاڙ جي وڏو پٿر کي هٿ سان ڌڪو ڏيئي، گرو نانڪ ڏانهن لڙڪائي ڇڏيو. پٿر لڙڪندي لڙڪندي اچي گرو نانڪ جي پٺ سان ٽڪرايو. راڪاس خوش ٿي، پهاڙ تان لهي آيو. هتان ڏسي ته گرو نانڪ صحيح سلامت آهي ۽ پٿر سندن پنيءَ جي ٽيڪ بڻجي بينو آهي. تڏهن هن پٿر کي پير سان ڌڪو ڏنو. پٿر ته اتي ئي بينو لهيو، راڪاس جو پير پٿر ۾ پيهي ويو. تڏهن راڪاس گهبرائجي ويو ۽ کيس پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. راڪاس گرو نانڪ کان معافي گهري وري ماڻهن کي نه ستائڻ جو پرڻ ڪيو. اهو پٿر اڄ به گرودواري ۾ آهي جنهنجي هڪ طرف گرو نانڪ جي پنيءَ ۽ ٻئي طرف راڪاس جي پير جي آڪرتي صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿي. بس تڏهن کان گرودواري جو نالو ”گرودوارا پاٿير صاحب“ پئجي ويو.

اسان ٽئين بجي واپس ليهه روانا ٿياسين ۽ پنجين بجي

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

هوٽل پهتاسين. تڏ ڏاڍي هئي ٿڪجي به پيا هئاسين، سامهون بسترا ۽ سوڙيون هيون پوءِ اسانکي ڇا ڪرڻ کپي؟ پاپا ڇهين بجي اٿيا ۽ سانسڪرتڪ ڪاري ڪرم ڏسڻ لاءِ ڇيئون. اسانجي ته همٿ نه ٿي، پاپا ۽ راجيش پروگرام ڏسڻ ويا.

پاپا ٻڌايو: پروگرام ٺيڪ ٺاڪ هو. جن ڪلاڪارن کي صبح جو ”سنڌو درشن“ اتسو ۾ موقعو نه مليو هو تن پنهنجا اسم پيش ڪيا. انيلا سندر ۽ سندس گروپ هڪ دفعو وري نرتيه پيش ڪيو. خاص ڳالهه هئي فلمي ڪلاڪار وجيه آنند جي تقرير. هن ليهه کي سويزرلئنڊ کان وڌيڪ خوبصورت چيو. اگر سرڪار ليهه جي وڪاس جو سوچي ۽ سهوليتون ميسر ڪرائي ته ڏنيا پر جا ٽوئرسٽ سوزيرلئنڊ بدران ليهه اچڻ پسند ڪندا. ڦنسوخ لداخيءَ جي ڪمپيئرنگ لاجواب هئي.

اسان ساڍي اٺين بجي ماني کائي، پنهنجو سامان سهيڙي، پنجي بجي تي آلارام ٺاهي سمهي پياسين. صبح جو ستي بجي فلائيٽ هئي. صبح جو جيسي ٽائيم تي اچي ويئي ۽ اسان سوائين ڇهين ايئرپورٽ پهتاسين. فلائيٽ ڪجهه ليٽ هئي.

آخر ليهه جي برفيلي چوٽين کي الوداع ڪري سيڪيورٽي چيڪ کان پوءِ اسان اٺين بجي اُڏامياسين. ٿوري دير ۾ ئي جهاز گليشيئرس مٿان هئو ۽ اسان بنا پلڪ جهپڪائي، هڪ دفعو وري ڪڏهن نه وسرڻ جهڙا نظارا پسيا. واپس ايندي اسانکي ائين لڳو ڄڻ اسان عزيزن کان دو وڇي رهيا آهيون. تڏهن مان پاپا کي چيو: پاپا اسان ڪڏهن سوچيو به نه هو ته ليهه گهمڻ هلنداسين. اسان گليئشيرس جي باري ۾ پڙهيو ۽ ٻڌو ضرور هو، پر گليئشيرس ايڏا خوبصورت ٿيندا آهن، اها ڄاڻ ته هاڻي ئي پيئي. پاپا اسانجو ديش پارت ڪيڏو سندر آهي پوءِ به ماڻهو ولائت پنيان ديوانا آهن.

پاپا چيو: پٽ ’سبئه پومي گوپال ڪي‘. ولائت گهمڻ ۾ به ڪو هرض ناهي. قدرت جو ڪرشمو ته هر هنڌ آهي. ائين سمجهو ته سڄو وشو ئي پارت آهي. هونءِ به ملڪن جون سيمائون ته انسان ناهيون آهن. اردوءَ جي مشهور شاعر ساحر لڌيانويءَ بلڪل صحيح چيو آهي:

مالڪ نِي هر انسان ڪو انسان بنايا،
همني اُسي هندو يا مسلمان بنايا،
قدرت ني هي بڙشي ٿي همين ايڪ ئي ڌرتي،

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

همني کھين پارت کھين ايران بنايا.

ڏيري ڏيري حالتون بدلجي رهيون آهن. سڀئي وشو کي هاٽي گلوبل وليج ٺا چون. هاٽي هر ملڪ جا ماڻهو سڀئي وشو ۾ آهن. خئر. اسان لاءِ ڪاڏي جو انتظام شروع ٿيو ۽ ايئر هوسٽيس سنئڪس، منرل واٽر ڏيئي ويئي. پر اسان ڪجهه نه ڪاڌو. ممي ۽ نندي بئگ ۾ پئڪ ڪري رکي ڇڏيو. بس چانهه / ڪافي پيتيسين. نوين بجي پلئن دهلي ايئر پورٽ تي لئنڊ ڪيو. اسان ٻاهر نڪري ٽئڪسيءَ سان دهلي ريلوي اسٽيشن پهتاسين. اڄ ٢ جون اسانکي منجهند جو هڪ بجي واري ٽرين سان امرتسر وڃڻو آهي. دهليءَ ۾ گرمي هئي. ٠ ڊگ ررري مان ٣٥ ڊگري ۾ اچي تڪليف محسوس ٿي. ويٽنگ روم ۾ ويهي اسان جيٽ ايئرويز جو ڏنل ناشتو ڪيو ۽ ڪولڊ ڊرنڪ پيتيسين. امان ۽ ممي ته ويٽنگ روم ۾ رلئڪس ڪرڻ لڳا. پاپا، راجيش، مان ۽ گيتا پليٽفارم ڪان ٻاهر اچي ياترا لاءِ ماني، فروٽس، بسڪوٽ ۽ نمڪين وغيره پئڪ ڪراياسين. دهليءَ جي گرمي شورگل، ٽرئفڪ جي بد انتظامي ڏسي راجيش چيو: ديش جي راڄڌانيءَ کي ڪيئن نرڳ ٺاهي وينا آهن. ماڻهو ذميواري سمجهن، انوشاسن ۾ رهن ۽ پاڻ لاءِ سنو ماحول ٺاهي سگهن ٿا. هو سامهون ڏسو، آٽو رڪشا ۽ مارونيءَ جي وچ ۾ بائيڪ وارو ٽڪرائي ڪري پيو.

گيتا چيو: اسانجي ملڪ ۾ لڳيڳ هر شهر - ڳوٺ ۾ ساڳي ڳالهه آهي. نئشنل ڪئريڪٽر جو گراف هيٺ ڪرندو ته حالتون خراب ٿينديون ئي. مونکي ته لڳي ٿو، ديش کي اندرا گانڌيءَ جهڙي پڪي ارادي واري نيتائن جي سخت ضرورت آهي. حال ۾ ته جنهنکي جيئن وڻي تيئن ٿو ڪري. ڪا روڪ ٽوڪ ئي ڪونهي. قانون وغيره ته ڪتابي ڳالهيون ٿي رهجي ويا آهن. اندرا گانڌيءَ امرجينٽي صحيح لڳائي هئي. چوندا آهن نه : ڪڻ ڪلو ته ٿيئي پلو. پاپا ۽ اسان ڪلڻ لڳاسين. گ يتا بلڪل صحيح ڳالهه چئي هئي.

اسان اڌ ڪلاڪ ۾ واپس آياسين ۽ ويٽنگ روم مان سامان کڻي اچي ٽرين ۾ اي.سي. سيڪنڊ بوگيءَ ۾ ويناسين. دهليءَ جي گرميءَ ته ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ ئي اڌ ساڙو ڪري ڇڏيو هو. ٽرين صحيح وقت تي رواني ٿي. امان گهڻي تيرٿ ڪيا هئا، هردوار، رشي ڪيش، وئشڻو ديوي، پشڪر، شرڙي، دوارڪا، سومنات، جلارام آشرم، سنت

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ليلاشاهه آشرم، گيا وغيره. امرتسر ڏسڻ جي تمنا هاڻي پوري ٿيڻ واري هئس. ڏاڍو خوش هئي. ايشور به امان مٿان مهر ڪئي هئي. ٧٥ ورهين ۾ اهڙيون ڪئين ياترائون ڪرڻ بعد بلڪل سوسٺ، چاڪ چڱي ڀلي هئي.

منجهند جي ماني کائڻ جو وقت ٿيو هو. اسان ماني کائي اي.سي. جي ٿڌڪار ۾ ڪلاڪ به آرام ڪيوسين، پوءِ اُٿي چانهه ناشتو ڪري ڳالهيون ڪرڻ ويناسين. مون چيو، گهمڻ ڦرڻ ۾ وقت ڪيئن ٿو گذري وڃي ڪجهه خبر ئي نٿي پوي. ڪيڏا ڏينهن پهرين پئي رٿون سٿيوسين. گهمڻ هلنداسين، هيءُ ڏسنداسين، هو ڏسنداسين، گهمنداسين، خريداري ڪنداسين. ياترا شروع ٿي هاڻي پوري به ٿيڻ واري آهي. اڄ ٽرين ۾، سڀاڻي امرتسر سورڻ مندر ۽ واگها باردر ڏسي، دهلي ۽ دهليءَ ۾ هڪ ڏينهن ترسي واپس پنهنجي شهر ڀوپال! ٿي ويئي ياترا پوري. ڪيڏي نه شارت؟

پري ڪيڏي نه سويٽ، گيتا چيو.

Not only sweet but memorable also راجيش چيو.

مميءَ چيو، اسانکي ته هيءَ ياترا انن ڏينهن جي نئين دنيا لڳي. نه رڌ پچائڻ نه ڪپڙ لٽا ڌئڻ نه ٻي ڪا چنتا. گهمڻ ڦرڻ مان پئي نئين طاقت ملي ٿي. سال ۾ هڪ دفعو گهمڻ ضرور هلڻ کپي.

مون چيو، هڪ دفعو نه، ٻه دفعا. سڀ کلڻ لڳا.

امان چيو: اڃان سفر باقي آهي. هاڻي ئي چوٿا ڀوپال پهچي وڃو. اڃان گروءَ در هلي آنند ماڻٹو آهي. پوءِ به ته پنهنجي گهر ئي هلبو ۽ گهر به آهي گروءَ جو در. امان هٿ جوڙيندي ايشور جا ٿورا مڃيا.

ٽرين رات جو ساڍي نوين بجي امرتسر پهتي. اسان ٽئڪسيءَ سان شهر جي خوبصورت هوٽل ’بلو مُون‘ پهتاسين جتي اسانجا ٻه ڪمرا بوڪ هئا. هٿ منهن ڌوئي ساڍي ڏهين بجي هوٽل جي شاندار ڊائننگ هال ۾ آياسين. اتي جهيڻي آواز ۾ جگجيت سنگهه جي غزل ماحول کي رسيلو بڻائي رهي هئي. ماني کائي اي.سي. رومس ۾ وڃي آرامي ٿياسين.

صبح جو سنان پاڻي ڪري چانهه پي سورڻ مندر درشن لاءِ آٽو رڪشا ۾ روانا ٿياسين ۽ پندرهن منٽن ۾ ئي مندر پهچي وياسين.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

مندر جي ڪئمپس ٻاهران چڱ ميلو لڳو پيو هو. شرڌالو ماڻهن جا حشام. گروءَ اڳيان چاڙهڻ لاءِ پرساد وٺي، مٿو ڍڪي اسان مندر جي ڪئمپس ۾ داخل ٿياسين. چا تہ شاندار مندر. اندر سچپچ امرت ڌارا پرواهت ٿي رهي هئي. ماڻهو امرت سروور ۾ سنان ڪري پڃ ڪمائي رهيا هئا. هزارين ماڻهو هجڻ ڪان پوءِ بہ ڪو شور گل نہ هو، سڀ پريم ۾ ٻڌل هئا. اسان سنڌوءَ جي جل جي شيشي ٿيلهي مان ڪڍي پنج ڦڙا سرور ۾ پرواهت ڪري سروور کي بہ سنڌو بڻائي ڇڏيو. پ‍ءِ سنان جو وڏيڪ پڃ ڪمائي سورڻ مندر ۾ اچي درشن ڪيوسين. سروور جي وچ ۾ سون جو مندر ائين پئي لڳو چڻ ڪو ساموندي جهاز (Ship) ترندو هجي. اسان گروءَ در ملڪ ۾ سک شانتيءَ جي ارداس ڪرائي ۽ ڪڙاه پرساد گرهڻ ڪيوسين. امان کي پوپال ٻڌرا گڙه مان گهڻن مائٽن پاڙي وارن گروءَ اڳيان پيٽا رکڻ لاءِ ڏني هئي. امان سان پيٽا رکي سڀني لاءِ پڻ ارادس ڪرائي. اسان سڀني گروءَ اڳيان مٿو ٽيڪي ٻاجهہ گهريسين. پوءِ ٻاهر اچي لنگر صاحب ۾ پرساد گرهڻ ڪيوسين. مندر ٻاهران انيڪ دڪان هئا. کاڌي - پيتي لاءِ هوٽلون/ريسٽران، ڪپڙي ۽ گفٽ آئيٽمس جا دڪان. اسان گفٽ آئيٽمس جي دڪان تان ننڍو ڪرپاڻ ورتو ۽ واپس هوٽل بلو مُون آياسين. منجهند جا ٻہ ٿيا هئا. چئين بجي اسانکي ٻاگها بارڊر وڃڻو آهي. هندستان ۽ پاڪستان کي الڳ ڪرڻ واري جڳهہ ”ٻاگها بارڊر“. اسان گهٽي دير هوٽل ۾ نہ ترسي امرتسر جي بازار گهمڻ نڪتاسين. شهر ڪافي صاف سٿرو، وڏا دڪان. پر اسان پهرين کان ئي خريداري نہ ڪرڻ جو سوچيي هليا هئاسين. امرتسر جون چوڪريون سهڻيون ۽ فئشن واريون هيون. چوڪرا تہ سڀ هڪ جهڙا پئي لڳا. چاڪاڻ تہ سڀ سردار هئا نہ. اسان ڪلاڪ ڏيڍ گ همي فروٽ جوس پي، ٽئڪسيءَ سان ٻاگها بارڊر ڏانهن روانا ٿياسين. امرتسر کان ٻاگها ٢٠ - ٢٥ ڪلو موٽر آهي. پرڪرتي پنجاب مٿان ڪافي مهربان آهي، چوطرف ساوڪ. سهڻا نظارا ڏسندي اسان واگها بارڊر پهتاسين. اسان لاءِ تہ اڳتي وڃڻ لاءِ بندش هئي پر رستو نہ رکيو ۽ سرحد پار ڪري ويو. پکي بہ بنا روڪ ٽوڪ جي پيا سرحد پار ڪن. انهيءَ رستي ئي ڀارت جو پرڌان منتري شري اٽل بهاري باجپيئي، بس دوارا شانتي وارتا لاءِ لاهور ويو هو. سرحد تي هندستان ۽ پاڪستان جا الڳ - الڳ گيٽ لڳل هئا، جيئن ريلوي ڪراسنگ تي رولوي ڦاٽڪ

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

هوندا آهن. وچ واري خالي جاءِ کي No man's land چوندا آهن. هن پاسي ڀارت ۽ هُن پاسي پاڪستان جا جوان تعنات هئا. روز صبح جو ٻنهي پاسي پنهنجي پنهنجي ملڪ جو جهنڊو ڦهرائڻ ۽ شام جو جهنڊي کي سلامي ڏئي لاهڻ جو ڪاريه تعنات جوانن تي هموار هو. ٻنهي پاسي سينا جا ڪاريااليه ۽ بئرڪس نهيل هيون. جڳهه جڳهه تي بارودي سرنگون نهيل پڻ هيون. اهڙي ڄاڻ اسانکي ملي. شام جو هر روز ٻنهي پاسي جا ماڻهو ڪٺا ٿيندا آهن ۽ پريڊ ۾ سينا جي جوانن جو حوصلي افزائي ڪندي، جوش و خروش سان ديش پريم جا نعرا لڳائيندا آهن. پريڊ جي وقت ٿيو. ٻنهي پاسي ديش ڀڪتيءَ جا گيت گونجي رهيا هئا، ماڻهو جوش سان نعرا لڳائي رهيا هئا. جهنڊن کي سلامي ڏئي لاهڻ کان پهرين ٻنهي پاسي جا جوان پاڻ ۾ گڏيا ۽ هٿ ملايئون. زبردست جوش سان پريڊ ڪري ۽ جهنڊي کي سلامي ڏيئي هيٺ لاٿو ويو. سندن جوش ۽ پريڊ جو انداز ۽ سندن هاو ڀاو ڏسي ائين پئي لڳو بس اجهو سندن لڙائي شروع ٿي. اسان به جوش ۾ اچي خوب نعرا لڳايا. پوءِ جوانن سان گڏ فوٽو ڪڍائي ڪين ڏنيواد ڏيئي واپس امرتسر آياسين. رات جي ماني کائڻ بعد هڪ ئي روم ۾ ويٺي پئي ڳالهايوسين. گيتا چيو؛ اَڄ تہ ٻن ڀڳوانن سان گڏجي آياسين. سورڻ مندر ۾ پرم پتا پرميشور جيڪو هر حال ۾ اسانجو خئر خواه آهي. ٻيو ڀڳوان اسانجا وير سپاهي، جيڪي دشمن جي ناپاڪ ارادن کي نيست نابود ڪري، پاڻ مشڪلاتون سهي، ديش جي سيما جي رڪشا ٿا ڪن.

سچي ڳالهہ آهي، امان ۽ مميءَ چيو.

ڪين شت شت پرڻام، پاپا نمن ڪندي چيو.

راجيش تہ گيت ڳائڻ لڳو:

توسان وطن جي شان آ ڀارت جا نوجوان
تنهنجو بلند حوصلو ڇُهي ٿو آسمان،
فخر سان اسانجو پيي ڳات اونچو آ،
تو جهڙو وير آهي وطن جو پاسبان.

اهڙيون سونهريون يادون اکين ۾ سمائي آرامي ٿياسين. صبح جو ڇهين بجي شتابدي ايڪسپريس سان دهليءَ روانا ٿياسين. اسان دهليءَ پهرين بہ گهمڻ آيا هئاسين ۽ سڀ ائتهاسڪ ستان ڏٺل هئا. لوٽس ٽيمپل ڪنهن بہ نہ ڏٺو هو. پنهنجا سوٽ ڪيس وغيره ريلوي

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

جي ڪلاس روم ۾ رکي ضروري سامان کڻي لوٽس ٽيمپل ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين. اڄ لوٽس ٽيمپل ۽ ستگرو سڌانشو مهاراج جي درشن ڪرڻ جي تمنا آهي ۽ سڀاڻي ۳ جون تي صبح جو شتابدي ايڪسپريس سان ڀوپال پنهنجي ماڳ پهچڻ جي. دهليءَ ۾ ڏاڍي گرمي آهي. ڪٿي ليهه جي ۰ ڊگري ٽيمپريچر ۽ ڪٿي دهليءَ جو ۴۰ ڊگري ٽيمپريچر. ڏاڍي تڪليف محسوس ٿي. لوٽس ٽيمپل ڪافي دور هو. اسان لڳڀڳ ۴۰ منٽن ۾ لوٽس پهتاسين. ڪافي ايڪڙن جي ايراضيءَ ۾ ڦهليل ڪئمپس. خوبصورت باغ، وڻ ٽڻ، گل ڦل، اڇڻ وڃڻ لاءِ سليکي سان ٺهيل رستا ۽ ڪمل جي آڪرتيءَ جو شاندار مندر. هزارين ماڻهون من جي شانتيءَ لاءِ درشن ڪرڻ آيا هئا. اندر ڪا مورتي يا تصوير نه. وڏو گول ۽ اونچو پون، ڪمل جي آڪرتي، لڪڙيءَ جون بئنچون رکيل هيون. شرڌالو بئنچن تي ويٺا هئا. اهڙي شانتي جو سئي به ڪري ته آواز اچي. اندر ڳالهائڻ منع هئو. اسان به اکيون پوري ڌيان لڳايو. اهو سچ آهي ته انسان مٿان واتاورڻ جو اثر ٿيندو آهي. اسان جا به پنج ڏينهن شانت واتاورڻ ۽ پرڪرتيءَ جي گود ۾ گذريا هئا سو ڏاڍي راحت ملي. مندر کان ٻاهر اچي اسان ڪئمپس ۾ ڪجهه فوٽو ڪلڪ ڪيا، مندر ٻاهران پريڪرما ڪئيسين. هيءُ مندر بهائي سماج جو مندر آهي.

تنهنکان پوءِ اسان اونڪاريشور مهاديو مندر، مانسرور گارڊن ستگرو سڌانشو مهاراج جي درشن ڪرڻ لاءِ روانا ٿياسين. پاپا ۽ ممي سڌانشو مهاراج جي شخصيت ۽ پروچنن کان متاثر هئا، ديکشا پڻ ورتي هئن. امان ته سيني جي جئه جئه ڪندي آهي. ڏن نرنڪار، راڌا سوامي، انند پور، آشارام سيني کي نمسڪار. امان چوندي آهي، سڀ سنت مهاتما پريوءَ سان لو لڳائڻ ۽ سئين دڳ هلڻ جي صلاح ٿا ڏين. جيڪو سئين راه ڏسي، جنهنجي ڳالهه من کي شانت ڪري تن کي نمسڪار ڪرڻ ۾ ڪهڙو حجاب. وشواس ۾ ئي سڀ ڪجهه آهي. وشواس ئي جيون کي سرل ۽ سرس بڻائيندو آهي. وشواس صرف ايشور ۾ نه، انسان جو انسان ۾، شسيه جو گروءَ ۾ ۽ آپسي رشتن ۾ به هئڻ ضروري آهي. امان جون گيان ڀريون ڳالهيون ٻڌندي اسان اونڪاريشور مندر پهتاسين. ممي، پاپا، مان ۽ گيتا ڀيرين به اچي درشن ڪري ويا هئاسين. امان ۽ راجيش ڀيريون پيهور آيا هئا. رمڻيه سٿان هئو. شام

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

جو آرتيءَ ۾ اُستتيءَ لاءِ ڪافي شرڌالو آيا هئا. ستگرو مهاراج به اچي شرڌالن کي پنهنجي آشيرواد سان نوازيندا آهن. اسان به آرتيءَ ۾ شامل ٿياسين ۽ اسانکي پرم پوجيه سڌانشو مهاراج جا سندر درشن پراپت ٿيا. نهايت سوميه چهري تي نور، چپن تي مسڪراهٽ. اسان گروءَ جا پون چرڻ اسپرش ڪيا. مذر واٽيءَ سان جڏهن آشيرواد جا ٻول ٻوليائون ته اسانکي ٻي ڪا آس ئي باقي نه رهي. ڄڻ سڀ ڪجهه حاصل ٿي ويو.

ٻاهران آيل شرڌالن لاءِ رهائش ۽ کاڌي جو انتظام هو. اسان به اتي ئي رات ٽڪياسين ۽ صبح جو ڇئين بجي اتي آٽو رڪشا سان ريلوي اسٽيشن لاءِ نڪتاسين. ڪلاڪ روم مان پنهنجو سامان کڻي ساڍي پنجي بجي اچي شتابدي ايڪسپريس ۾ پنهنجي رزروڊ چيئرس تي ويناسين. هاڻي اسانجي منزل هئي اسانجو ڀوپال، اسانجو گهر. ٽرين ڇهين بجي رواني ٿي ۽ اسانجي مهمانوازيءَ جي تياري شروع ٿي. کائيندا پيئندا، مذر سنگيت ٻڌندا، ياترا جي مذر يادن کي دل ۾ سمائيندا ڳالهائيندا ٻولهائيندا، اڍائي بجي ڀوپال پهتاسين ۽ ٽين بجي پنهنجي گهر.

گهر جي بالڪنيءَ جا پردا هٽائي مون ٻاهر نهاريو ته منهن مان رڙ نڪري ويئي. مان زور سان رڙيون ڪري پاپا ۽ مميءَ کي سڏ ڪيا. سڀ گهبرائجي ويا ۽ ڊڪندي ڊڪندي بالڪنيءَ ۾ آيا. پڇائون ته ڇا ٿيو؟

مون روئڻهارڪي ٿي چيو: ٻاهر ڏسو اسانجا برفيلا پهاڙ الائي ڪٿي گم ٿي ويا.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# منھنجو پڳوان

اڄ گھر مان خوشي موڪلائي ويئي ھئي. سپنا روئي روي مرڻھار تي پئي ھئي. سندس درد ڀريل ورلاپن سان سيني جا نيڻ ڇلڪي پيا ھئا. سندس ماءُ کيس آٿت ڏيندي ڏيند ڀاڻ بہ رئڻ لڳي ھئي. سپنا جي سس ڪي تہ ڏندڻ پئجي ويا ھئا ۽ کيس اسپتال ۾ ڀرتي ڪرائڻو پيو ھو. اچانڪ ھيءُ ڪھڙو ڪھري طوفان آيو جو ھڪ پل ۾ سڀ ڪجھہ اُجاڙ ڪري ھليو ويو. خوسين سان مھڪندڙ گھر غم جو ريگستان بڻجي پيو. ٽيھن سالن جي ننڍي عمر ۾ ئي سنجيہ جو موت ھڪ ڀيانڪ حادثو ھو. ايشور جو بہ الائي ڪھڙو نيم آھي، ’جڏا پيو جيئاري، جوان پيو ماري.‘

ڪانڌي سنجيہ جي مرت شرير کي ڪائيءَ تي سمھاري جيئن ئي ڪلھي تي کڻي گھر کان ٻاھر ھلڻ لڳا تہ رئڻ پٽڻ جي آواز سان سيني جا ھنياءَ ئي ڇڄي پيا. سپنا روئي رڙيون ڪري رھي ھئي، ”سنجيہ مان بہ توسان گڏ ھلنديس، مونکي اڪيلو نہ ڇڏي وڃ. تو مونسان زندگي ڀر ساٿ رھڻ جا واعدا ڪيا ھئا، مونکي ڪنھنجي سھاري ڇڏي ٿو وڃين.“ سندس سرتين ۽ ماءُ کيس ڏاڍي مشڪل سان سنڀاليو. سندس پٽ ٽن سالن جو سلل ڪنڌ ۾ سھميل ويٺو ھو. کيس ڄاڻ ئي نہ ھئي تہ ايشور ھن کان ڇا ڪسي ورتو ھو.

ٻارھن ڏينھن تائين گھر ۾ پوڄا پاٺ ھلندو رھيو، ٻارھي کان پوءِ سڀ مٽ مائٽ پنھنجي گھر ھلي ويا. ھاڻي ھن گھر ۾ ھئا، سپنا، سندس سس ۽ ننڍڙو سلل. سپنا جي سس تہ سڌ ٻڌ ئي وڃائي ويٺي ھئي. سدائين پئي دروازي ڏي نھاريندي ھئي. سپنا کي چوندي ھئي - ڪنوار، دروازو تہ کول، سنجيہ آيو اٿئي. سنجيہ کان سواءِ سپنا کي گھر جڻ ڪائڻ پيو ايندو ھو. سنجيہ سان گڏ گھاريل ھڪ ھڪ پل کيس ياد ايندو ھو ۽ اکيون آليون ڪري ويندو ھو. سپنا پنج سال ڀھرين ئي تہ سنجيہ جي ڪنوار بڻجي ھن گھر ۾ آئي ھئي. سنجيہ جھڙو جيون ساٿي ملڻ تي ڪيڏو نہ خوش ھئي. سنجيہ سندس ڪيڏو نہ خيال رکندو ھو. پيار ۽ خوشيءَ وارو وقت ڪيڏو نہ جلدي پر لڳائي اُڏامي ٿو وڃي. پنج سال ڄڻ ڏسندي ڏسندي گذري

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ويا هئا ۽ هاڻي هڪ هڪ پل ڪيڏو نه ڀاري ٿو لڳي. سلل هاڻي اسڪول وڃڻ شروع ڪيو هو ۽ سپنا پنهنجي آفيس. اسڪول ۾ سلل جا دوست جڏهن پنهنجي پيءُ جي باري ۾ ڳالهيون ڪندا هئا ته هو چپچاپ ٻڌندو رهندو هو. هڪ ڏينهن سلل گهر اچي ماءُ کان پڇيو: ممي، منهنجو پاپا ڪٿي آهي؟

سپنا اهو سوال ٻڌي اُداس ٿي ويئي. ڪيس اهو انديشو هئو ئي ته سلل هڪ ڏينهن اهو سوال ضرور پڇندو. هن سلل کي ٽاريندي چيو، جلدي هٿ منهن ڌوئي اچي ماني کاءُ، بک لڳي هوندءِ. ائين چوندي سپنا رنڌڻي ۾ هلي ويئي ۽ سلل هٿ منهن ڌوئڻ باٿ روم ۾. هڪ ڏينهن ته سلل ضد ٻڌي بهي رهيو. هر هر سپنا کان پڇڻ لڳو: ممي ٻڌاءِ نه، منهنجو پاپا ڪٿي آهي؟ ٻڌاءِ نه ممي، پڇندي پڇندي رئڻ لڳو. سپنا کيس ڇاتيءَ سان لڳائي، ڳراٽڙيون پائي مني ڏني. سندس اکيون به پرجي آيون. چيائين پٽڙا تنهنجي پاپا کي ڀڳوان پاڻ وٽ گهرائي ورتو آهي.

چو ممي، منهنجا دوست ته پنهنجي ممي پاپا سان گڏ رهندا آهن. منهنجي پاپا کي ڀڳوان چو گهرايو آهي؟ پاپا ڪڏهن واپس ايندو ممي؟

هاڻي چا جواب ڏئي سپنا. چوڻ لڳي: بيٽا، مان آهيان نه توسان گڏ امان به آهي. سپنا پاڻ جهلي نه سگهي ۽ کيس رئڻ اچي ويو. ٻالڪ سلل ماءُ کي رئندو ڏسي ڊڄي ويو. رئندي رئندي چيائين: ممي تون نه روءُ، مان اڳتي پاپا جي باري ۾ ڪونه پڇندس ۽ پنهنجن ننڍڙن هٿن سان ماءُ جا ڳوڙها اُگهڻ لڳو. سپنا به کيس ڇاتيءَ سان لڳائي پيار ڪيو.

هاڻي سلل ماءُ کان پاپا جي باري ۾ ڪجهه نه پڇندو هو، پر سندس ٻاراڻو من هميشه سوچيندو رهندو هو ته سندس پاپا کي ڀڳوان پاڻ وٽ چو گهرايو هو. سلل پڇي ته ڪنهن کان؟ هڪ ڏينهن شام جو سلل پاڙي جي ٻارن سان رند ڪري رهيو هو، سلل ۽ انجو انتاڪشري ۾ جوڙيدار هئا ۽ ٻنهي انتاڪشريءَ ۾ پهريون انعام کٽيو. تنهن کانپوءِ ٻئي دوست ٻڌجي پيا. راند روند ۾ هڪ ڏينهن انجوءَ سلل کان پڇيو، تنهنجو گهر ڪٿي آهي سلل؟

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

پارڪ جي پنيان، گھٽيءَ ۾.

تنھنجي گھر ۾ ڪير ڪير آھي؟

امان آھي، ممي آھي ۽ مان.

۽ پاپا؟

پاپا نہ. پاپا کي پڳوان پاڻ وٽ گھرائي ورتو آھي. پاپا اتي ئي رھندو آھي.

توکي پاپا جي ياد نہ ايندي آھي؟

ايندي تہ آھي، پر چا ڪيان. پاپا تہ آھي ئي ڪون. پاپا جڏھن ايندو تہ مان پاپا سان گڏ خوب راند ڪندس، گھمڻ ويندس. پر ممي چوندي آھي تہ پاپا واپس ڪونہ اچي سگھندو.

تنھنجي ممي تو لاءِ بيو پاپا چو نہ ٿي آڻي؟

بيو پاپا؟ سلل چيو.

ھا، منھنجي مميءَ کي بہ پڳوان پاڻ وٽ گھرايو ھو تہ منھنجو پاپا بي مميءَ کي گھر وٺي آيو.

سلل کي انجوءَ جي ڳالھہ سمجھہ ۾ ڪونہ آءِ پر ھو بئي پاپا جي باري ۾ سوچڻ لڳو. گھر پھچي ماءُ کان پڇڻ لڳو: ممي، منھنجو پاپا پڳوان جي گھر ويو آھي نہ؟

ھا پٽ، پر اڄ وري تون اھو سڀ چو ٿو پڇين؟

پاپا اتا واپس ڪونہ ايندا نہ؟

پٽ پڳوان وٽان ڪير بہ واپس نہ ايندو آھي.

نيڪ آھي. تہ پوءِ تون منھنجي لاءِ بيو پاپا چونہ ٿي آڻين؟

بيو پاپا؟ سپنا وائڙن وانگر سلل کي ڏسڻ لڳي. توکي اھو سڀ ڪنھن ڏسيو؟

پھرين ٻڌاءِ ممي. تون بيو پاپا چو نہ ٿي آڻين؟

ائين نہ چئہ پٽ. توکي اھو ڪنھن ڏسيو؟

منھنجي دوست انجوءَ. انجوءَ جو پاپا انجوءَ لاءِ بي ممي وٺي آيو آھي. ان جي بي ممي ڏاڍي سٺي آھي، ڪيس ڏاڍو پيار ڪندي

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

آهي. تون بہ منهنجي لاءِ بيو پاپا وٺي اچ نہ ممي. سلل رئڻ لڳو ۽ رئندي رئندي ڪيس ننڊ اچي ويئي.

سپنا جي اکين مان ننڊ غائب هئي. هوءَ سلل کي ڪيئن ٻڌائي تہ هڪ مرد لاءِ ٻي شادي ڪرڻ آسان آهي. استري تہ پتيءَ جي ياد کي ساهہ سان سانڍي رکندي آهي. هاڻي تہ سندس زندگيءَ جو هڪ ئي مقصد هو، سلل کي پڙهائي لکائي قابل انسان بڻائڻ.

صبح جو سلل اسڪول هلي ويو ۽ سپنا پنهنجي آفيس. آفيس جي ڪمن ۾ سندس من نہ لڳو، هر هر ڪيس سلل جون ڳالهيون پريشان ڪرڻ لڳيون. آفيس مان اڌ ڏينهن جي موڪل وٺي، جلدي گهر هلي آئي پر گهر اچي بہ ڪيس چئن نہ هو. ٿوري دير ۾ سلل بہ اسڪول مان اچي ويو ۽ اچڻ سان ئي وري ساڳي رٽ لڳائي ويٺو. ممي منهنجا سيئي دوست پنهنجي پاپا سان گڏ گهمڻ ويندا آهن، انهن جا پاپا کين اسڪول ڇڏڻ بہ ايندا آهن. مونکي بہ پاپا کپي، ممي، مونکي بہ پاپا کپي.

سپنا سلل کي پنهنجي پير ۾ وهاري چيو پٽ مان توکي گهمائڻ وٺي هلنديس، توکي اسڪول ڇڏڻ هلنديس. تون تہ ڏاهو ٻار آهين، منهنجو گلڙو. مميءَ کي تنگ ٿوروئي ڪبو آهي. تنگ ڪندي تہ ممي بہ رئڻ لڳندي. ائين چئي سپنا رئڻ جي ائڪٽنگ ڪرڻ لڳي. مميءَ جي رئڻ جي ائڪٽنگ ڏسي سلل کي کل اچي وئي. سپنا سلل مٿان ساهہ ڇڏيندي هئي. سندس پڙهائيءَ تي بہ پورو وقت ڏيئي هوم ورڪ ڪرائيندي هئي ۽ هفتي ۾ هڪ دفعو اسڪول بہ ويندي هئي. هاڻي سلل بہ ضد ڪري پاپا جي باري ۾ نہ پڇندو هو. هاڻي گهڻو وقت پڙهائيءَ ۾ ۽ انجوءَ سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ گذاريندو هو. انجوءَ سان اڪثر پنهنجي ماءُ جو ڳالهيون ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڪيس پنهنجي گهر وٺي آيو مميءَ سان گڏجائڻ لاءِ. سپنا تہ ممتا جي مورت هئي، هن انجوءَ کي خوب پيار ڪيو. انجوءَ بہ سلل جي مميءَ سان گڏجي ڏاڍو خوش ٿي.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

وقت پنھنجي رفتار سان ڊڪون پائيندو رهيو. سپنا، سلل کي
ڪڏهن محسوس ٿيڻ نہ ڏون تہ سندس جيون ۾ ڪا ڪمي آهي. سلل
بہ پتا جيان هوشيار هو، سدائين پهريون نمبر ايندو هو. سپنا تہ بس
پنھنجي مقصد پنھنجي سپني کي ساڪار ڪرڻ ۾ مشغول هئي. سلل
هاڻي هڪ سمجهو جوان هو. پنھنجي جوابداري سمجهڻ لڳو هو. کيس
احساس هو تہ سندس ماءُ ڪيڏا ڪشت سهي کيس پڙهايو هو. کيس
ٻالپڻ جون اهي ڳالهيون بہ ياد هيون تہ پتا جي باري ۾ بار بار پڇي
ماءُ جي دل دکائيندو هو، پر سندس ماءُ ڪيڏو پيار ۽ دلاس سان کيس
سمجهائيندي هئي.

سلل ۽ انجو اڄ ميڊيڪل ڪاليج ۾ فائينل جا وديارٿي هئا ۽
هڪ ٻئي جا سچا دوست بہ. سلل انجوءَ کي پنھنجي ماءُ جي باري ۾
ٻڌائي رهيو هو. هيءُ سڀ منهنجي ماءُ جي آشيرواد، محنت ۽ تياگ
جو ئي ڦل آهي جو مان پنھنجي پيرن تي بهڻ لائق بڻجي سگهيو
آهيان. هاڻي منهنجي جيون جو اهو ئي مقصد آهي تہ مان پنھنجي
ماءُ کي سڀ سک ڏيان، سندس هر اڇا پوري ڪيان.

انجو سلل جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌي رهي هئي. کيس فخر
محسوس ٿيو تہ سلل جهڙو نيڪدل ۽ نيڪ ويچارن وارو انسان سندس
دوست آهي. تڏهن تہ سلل لاءِ سندس دل ۾ هڪ خاص استان آهي.

ايم.بي.بي.ايس. ڪرڻ بعد سلل پوسٽ گرئجوايشن لاءِ ممبئي
هليو ويو. انجوءَ جي پتا انجوءَ لاءِ يوگيہ ور تلاش ڪري هڪ ڊاڪٽر
سان سندس وهانءُ تئہ ڪيو ۽ ڌام ڌوم سان کيس نئين زندگيءَ جي
شروعات ڪرڻ لاءِ وداع ڪيو. سلل بہ انجوءَ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيو ۽
خوب نچيو ٽپيو. سلل خوش هو تہ سندس دوست کي سٺو جيون ساٿي
مليو هو. قداور، سهڻو، ڪلڙو، اسمارٽ گهوٽ هو انجوءَ جو.

سلل انجوءَ کي وداع ڪري، واپس ممبئيءَ هليو ويو ۽ انجو
پنھنجي گهوٽ سان لڪنئو. کيس اڪثر انجوءَ جي ياد آيندي هئي تہ
ڪڏهن پڙهندي پڙهندي ڪتاب ۾ انجوءَ جو چهرو نظر ايندو هوس.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

پوءِ هو وڏيڪ پڙهي نہ سگهندو هو. ڏيري ڏيري سلل پنهنجي پڙهائيءَ ۾ مشغول ٿي ويو جو هنجو هڪ ئي مقصد هو، پنهنجي ماءُ جي اِڇا پوري ڪرڻ يعنيٖ يوڳيہ ڊاڪٽر بڻجي انسانيت جي شيوا ڪرڻ. وقت گذرندو رهيو. وچ وچ ۾ سلل پوپال وجي ماءُ  سان

گڏجي ايندو هو. سپنا سلل مٿان ساهہ ڇڏيندي هئي پر پيار جو وڏيڪ اظهار نہ ڪندي هئي جيئن سلل پنهنجي پڙهائيءَ ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪري. پر سلل تہ سپنا جو ئي پٽ هو، هو ماءُ جي دل جو ڳجهہ سمجهي ويندو هو ۽ سندس دل ۾ ماءُ لاءِ عزت وڌي ويندي هئي. نيٺ سلل ٻن سالن جو پوسٽ گريجوايشن ڪورس پوري ڪري ايم.ڊي. بڻجي، ڊگري اچي ماءُ جي چرڻن ۾ رکي. اڄ سپنا جي دل ۾ سانڊيل سمورو پيار اکين جو نير بڻجي نڪري آيو ۽ سلل کي پسائڻ لڳو. سلل بہ ماءُ کي پاڪيءَ ۾ ڀري سندس ڳوڙها پيئڻ لڳو. سپنا جي محنت ساب  پئي هئي ۽ اڄ سندس پٽ هو ڊاڪٽر سلل (ايم.ڊي.). هن ڀڳوان جا لک ٿورا مڃيا.

هڪ ڏينهن سلل انجوءَ جي جاڻ ونڻ لاءِ سندس پتا جي گهر ويو. ڪال بيل وڄائڻ تي انجوءَ اچي دروازو کوليو. سامهون انجوءَ کي ڏسي سلل کي خوشي ٿي پر انجوءَ کي پهريل اڇي ساڙهي ۽ سندس بنا سندور واري سينڌ ڏسي سياندڙيون پئجي ويس. ٻئي آمهون سامهون بينا رهيا پر وات مان وائي نہ اُڪرين. ٿوري دير بعد انجوءَ چيو، اندر اچ سلل. سلل آهستي آهستي انجوءَ پنيان اچي ڊرائينگ روم ۾ صوفا تي وينو. انجو سامهون ويهي پير ۾ پينگهي ۾ سمهيل ننڍي ٻار کي لوڏڻ لڳي. سلل انجوءَ کان پڇيو: هيءُ ڇا ٿيو انجو؟

انجوءَ ٿڌو ساهہ کڻندي چيو، هڪ طوفان آيو ۽ آشيانو اُجاڙي ويو. اسانجو ٻار ڇهن مهنن جو هو جو هيءُ دردناڪ حادثو ٿيو. روڊ ائڪسيڊنٽ ۾......چوندي چوندي انجوءَ جا لڙڪ لڙي آيا. سلل بت بڻجي وينو رهيو. سندس وات مان آٿت جا ٻہ لفظ بہ نہ نڪري سگهيا. هن پينگهي ۾ سمهيل معصوم ٻار ڏي نهاريو تہ سندس اکيون ڀڃ

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

آليون ٿي پيون. ياري من سان هو گهر ڏانهن روانو ٿيو. ڪيس پنهنجو ٻالپڻ ياد اچڻ لڳو ته پتا ڪان سواءِ هو ڪيڏي بيچيني محسوس ڪندو هو. پينگهي ۾ سهيل انجوءَ جي ٻار ۾ سلل پاڻ کي ڏٺو هو. اڄ سندس جيءُ جاءِ تي نه هو. سندس ننڍپڻ جي دوست انجو ڏکن جي ڏور ۾ منڊل هئي ته ڪيس چئن ڪيئن اچي!

سلل گهر اچي سڄي ڳالهه پنهنجيءَ ماءُ کي ٻڌائي. سندس ماءُ کي به ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. چيائين پٽ، زندگي به انسان ڪان ڏاڍا ڏکيا امتحان ٿي وٺي. انسان ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي ساموندي طوفان ۾ ڦاٿل ڪچي ٻيڙيءَ وانگر محسوس ڪندو آهي، جنهنجو پاڻ تي ڪو وس نه هوندو آهي. استري به اُن ڪچي ٻيڙيءَ وانگر آهي پٽ. مالڪ کي الائي ڇا منظور آهي.

سلل کي ماءُ جي ڳالهه صحيح لڳي پر سندس دل ۾ آنڌ مانڌ هئي. هن همت ڪري ماءُ کان وري ٻالپڻ وارو سوال پڇيو: ممي توهان مون لاءِ ٻيو پتا آڻڻ چو منظور نه ڪيو هو؟ اڄ سپنا کي سلل جي سوال بيچئن نه ڪيو. هن سرل ڀاوَ سان جواب ڏنو: پٽ اسانجو سماج استريءَ لاءِ ڏاڍو ڪنور آهي. مان - سنمان ۽ پيار شايد وڌوا استريءَ جي صنيب ۾ نه هوندو آهي. پرش ڪيس اپنائڻ ۾ پنهنجي طوهين ۽ جاڻي واڻي مک ڳيهڻ سمجهندو آهي. وري اهڙي وڌوا جيڪا ٻار جي ماءُ هجي تنهنکي اپنائڻ لاءِ ته ڪو مجبور پرش تيار ٿيندو جنهنکي پنهنجي شيوا لاءِ ۽ سندس ٻارن لاءِ آيا جي ضرورت هوندي. پٽ، اسانجي سماج جي پرش ۽ استريءَ لاءِ الڳ الڳ سوچ آهي، الڳ الڳ نيم آهن.

سلل چيو، ممي مان انجوءَ جي ٻار ۾ پاڻ کي پسيو آهي. جي تون اجازت ڏين ته مان انجوءَ کي اپنائڻ ٿو چاهيان. سپنا سلل جي چهري کي ٻنهي هٿن ۾ ڀري سندس نرڙ تي چمي ڏني. چيائين پٽ، مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي جي تون اهو ڪم ڪرين. پر ڪنهن ڀاونا ۾ وهي يا جلدبازيءَ ۾ نه. سوچي سمجهي ڪم ڪجانءِ. مان

This book Published on Internet by:

www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

هميشه توسان ساڻ آهيان.

هاڻي سلل کي سکون مليو. انجوءَ سان ڪدجڻ کان پهرين ڪيس ويچار آيو تہ انجوءَ جي ماتا - پتا ۽ خود انجو سندس رٽ سويڪار ڪندا الائي نہ. سوچ سوچ ۾ پندرهن ڏينهن نڪري ويا. هڪ ڏينهن همت ڪري، سلل وري انجوءَ جي گهر ويو. انجوءَ جو پتا گهر ۾ ڪونہ هو، انجوءَ اچي دروازو کوليو. انجوءَ جي ماءُ چانهہ پاڻي رکي ويئي.

سل وجهہ وٺي ڳالهي چور. چيائين، مونکي ڏاڍو افسوس آهي انجو. پر جنهن ڳالهہ تي ڪو وس نہ هلي تنهن تي ڳوڙها ڳاڙڻ ۾ ڪجهہ حاصل نہ ٿيڻو آهي. انجو، مان اڪثر توکي ٻڌائيندو هوس تہ منهنجي لاءِ منهنجي ماءُ ئي سڀ ڪجهہ آهي. ماتا بہ، پتا بہ، دوست بہ، دنيا بہ ۽ سچ تہ اهو آهي تہ منهنجو ڀڳوان بہ منهنجي ماءُ آهي. مان سندس هر اِڇا پوري ڪرڻ ٿو چاهيان، جنهن لاءِ مونکي تنهنجي سهيوگ جي ضرورت آهي. ڇا تون پنهنجو سهيوگ ڪندينءَ؟

انجوءَ اُتسڪتا سان سلل ڏانهن نهاريو. سلل چيو، ها انجو، اِڇ منهنجي ماءُ ۽ منهنجي ساڳي چاهت آهي ۽ منهنجي دل جي بہ. تون منهنجي دل جي چاهت سمجهين ٿي نہ انجو؟ جيڪڏهن تنهنجي رضامندي هجي تہ منهنجي ماءُ تنهنجي ماتا پتا سان گڏجڻ چاهيندي.

انجوءَ سلل جي اکين ۾ نهاريو، جنهن ۾ ڪيس پنهنجو اکس نظر آيو.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# اسان ڳانوَ ۾ ڪونہ رهندا آهيون

جانڪي ڪلاس روم ۾ وديارٿين سان چرچا ڪري رهي هئي. اڄ ڪورس ۾ ٽاپڪ تہ نہ پر رواجي ڳالهہ ٻولهہ ٿي رهي هئي. جانڪي مهني ۾ هڪ دفعو اوپن سيشن رکندي هئي جيئن وديارٿين کي ڪورس جي ڪتابن جي الاوا ٻين ڳالهين جي بہ ڄاڻ ملي. جانڪي وديارٿين کي ٻارن جيان پيائيندي هئي ۽ وديارٿي بہ کيس ٽيچر نمبر ون سڏيندا هئا. هڪ وديارٿيءَ پڇيو: مئڊم توهان ايڏا سنا ڪيئن ٻڻيا آهيو؟

جنهنجي ڪلاس ۾ پيارا هوئٽهار وديارٿي هوند اها مئڊم تہ سني ٻڻجي ئي پوندي.

مئڊم، توهان کي غصو چو ڪونہ ايندو آهي؟

توهانجون حرڪتون ايڏيون پياريون هونديون آهن جو انهن تي غصو نہ پر پيار ايندو آهي.

جانڪيءَ جون ڳالهيون وديارٿين تي گهرو اثر ڪنديون هيون ۽ هو سندس چيو مڃڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪندا هئا. ٻار سوال پڇي رهيا هئا ۽ جانڪي سهڄ سرل ڀاوَ سان مسڪرائيندي کين جوانب ڏيئي رهي هئي. سڀ سوال پڇڻ جو وارو وديارٿين جو هو. تڏهن اسڪول جو پٽيوالو جانڪيءَ کي نياپو ڏيئي ويو تہ پرنسيپال مئڊم کيس سڏ ڪرايو آهي. جانڪي ٻارن کي شانت رهڻ جو چئي، پرنسيپال ڏينهن ويئي. پرنسيپال مئڊم کيس ٻڌايو تہ سندس ٽرانسفر ٿي ويو آهي. ڀوپال کان ٥٠ ڪلوميٽر دور 'چنڇپوڪلي' ڳانو جي هاير سيڪنڊري اسڪول ۾. پرنسيپال چيو، اسانکي افسوس آهي. تو جهڙي ودوان ٽيچر جي ٽرانفر سان اسڪول جي وديارٿين کي ڪافي نراشا ٿيندي. تون درخواست لکي ڏي مان تنهنجو ٽرانسفر ڪئنسل ڪرائڻ لاءِ سفارش ڪنديس، تون چنتا نہ ڪر، سڄو اسڪول سٽاف ۽ وديارٿي توسان گڏ آهن.

پرنسيپال مئڊم کي شايد ڄاڻ نہ هئي تہ جانڪيءَ خود ڳانو ۾ ٽرانسفر ڪرائڻ لاءِ ٽي سال اڳ درخواست ڏني هئي جيڪا هاڻي وڃي منظور ٿي آهي. جانڪيءَ پرنسيپال مئڊم کي ڌنيواد ڏيندي چيو:

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

مئڊم مان توهانجي ٿورائتي آهيان جو مونکي مان - سنمان جي قابل سمجهو ٿا. مونکي بہ هن اسڪول سان گهرو لاڳاپو آهي پر منهنجي من ۾ هميشه اها اِڇا رهي آهي تہ ڳانو وچي ٻارن کي پڙهايان. ڳانو کي نزديڪ سان ڏسان، سمجهان. هاڻي ايشور اوسر ڏنو آهي تہ مونکي ڳانو وڃڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونهي. پرنسيپال مئڊم ڪيس گهڻو ئي سمجهايو پر جانڪيءَ درخواست ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو.

اسڪول ۾ اها ڳالهہ ڦهلجي ويئي، سيئي ٽيرچرس بہ جانڪيءَ کي چوڻ لڳيون؛ توکي ڄاڻ ناهي تہ تون ڪيڏي وڏي غلطي ڪري رهي آهين. پاڻ ئي پنهنجي پير تي ڪهاڙي ٿي هڻي. هاڻي بہ وقت اٿئي، سوچ. اسان سڀ تنهنجو ساٿ ڏيڻ لاءِ تياري آهيون. پر جانڪي ٽس کان مس نہ ٿي. چوڻ لڳي مان ڳانو ڏسڻ ٿي چاهيان. اتان جي ماڻهن جي باري ۾ ڄاڻڻ ٿي چاهيان.

ٽيچرس پاڻ ۾ جانڪيءَ جي نا سمجهيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳيون؛ ڏاڍو پڇتائيندي. شايد دماغ جو اسڪرو ڍلو ٿي ويو اٿس. ڳانو ڏسڻ ٿي چاهي، جڏهن اتي ويندي تہ پتو پوندس گهٽي ويهين سو آهي.

جانڪيءَ جي پڙهائي - لکائي، شادي، نوڪري سڀ ڀوپال ۾ ئي ٿيا هئا. ڳانو هن بس يا ٽرين ۾ سفر ڪندي ئي ڏٺو هئا. هن کي ٻالپڻ جا اهي ڏينهن ياد آيا جڏهن گرميءَ جي موڪلن وقت سندس ساهيڙيون پنهنجي پنهنجي ڳانو ويندڀون هيون. تڏهن جانڪي ساهيڙين کان پڇندي هئي: ڳانو ڇا ٿيندو آهي؟ ساهيڙيون چونديون هيون، ڳانو اهو ٿيندو آهي جتي ناني رهندي آهي. تڏهن جانڪي بہ گهر اچي ماءُ کان پڇندي هئي، ممي اسان نانيءَ جي ڳانو ۾ هلنداسين نہ؟ پنهنجي ساهيڙين کان ڳانو جي باري ٻڌندي، ڪتابن ۾ پڙهندي، جانڪيءَ پنهنجي ذهن ۾ آدرش تصوير وهاري هئي. هاڻي ڪيس موقعو مليو آهي ڳانو ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو.

گهر پهچي جانڪيءَ سڀ کان پهرين ٽرانسفر واري خبر پنهنجي پتيءَ اشوڪ کي ٻڌائي. خوش ٿيندي چيائين، هاڻي ڳانو ڏسڻ جو سٺو موقعو مليو آهي، مونکي ايندڙ هفتي ئي ڳانو وچي ڊيوٽي جائن ڪرڻي آهي.

اشوڪ چيو، تون ڳانو ۾ ٽرانفر جي خبر ايڏي خوشيءَ ۾ ٿي

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ٻڌائين، ڇڻ تون اميريڪا وڃي رهي آهين. ڳانو ڏسڻ لاءِ ڳانو ۾ ٽرانفر ڪرائڻ ضروري ناهي. ڪنهن ڏينهن پڪنڪ ڪري ايندا سين ڳانو ۾. تون جلد درخواست لکي موڪل ٽرانفر رد ڪرائڻ لاءِ.

جانڪيءَ چيو: پليز اشوڪ ائين نہ چئہ. تون ئي تہ منهنجو همراهہ ۽ سچو دوست آهين. مان چاهيان ٿي تون منهنجي حوصلا افزائي ڪر، جيئن مان هن چئلينج تي همٿ سان منهن ڏيئي سگهان.

اشوڪ: لڳي ٿو توکي ڳدو بندر موڪلڻو پوندو. اڙي، اسانجا بہ ننڊا ٻار آهن. ڪير ڪندو تن جي سار سنڀال، ڪير تن کي هوم ورڪ ڪرائيندو. توکي خبر آهي، اچڻ وڃڻ ۾ روز گهڻو وقت برباد ٿيندءِ. ۽ ها، شايد روز اچڻ وڃڻ ممڪن بہ نہ ٿيئي. اتي ڪٿي رهندينءَ، کاڌي پيتي وغيره جي ڪا خاص سهوليت نہ ملندءِ.

جانڪي: اگر تون ساٿ ڏين تہ سڀ ممڪن آهي اشوڪ. مان ڳان مان روز واپس اچي ويندس. بس سروس تہ آهي ئي.

جانڪيءَ جي نيزارين اڳيان آخر اشوڪ کي جهڪڻو پيو. آخر اهو ڏينهن بہ اچي ويو. اڄ ڇنڇر ڏينهن جانڪيءَ جي اسڪول ۾ وداعي پارٽيءَ جو آيوجن آهي. ڪيس جوائننگ ٽائيم کان پوءِ ايندڙ هفتي ڇنڇپوڪلي وڃي نئين اسڪول ۾ حاضري ڏيڻي آهي.

سندس وداعيءَ وقت پرنسيپال مئڊم ڇانڪيءَ جي وهنوار جي خوب ساراهہ ڪئي. سڀئي ٽيچرس پڻ جانڪيءَ جي وداعيءَ سان دکي هيون. وديارٿين جي اکين ۾ تہ آنسون هئا. جانڪيءَ وديارٿين جي مٿي تي سنيهہ ڀريو هٿ رکندي چيو، مان جلد ئي وري پوپال ايندس، توهان من لڳائي پڙهائي ڪجو، اسانجي اسڪول جو نالو هميشه جيان اونچو رکجو. اسڪول اسٽاف ۽ ٻارن طرفان جانڪيءَ کي هڪ تصوير پيٽ ڪئي ويئي. ڳانوَ جي کوهہ تان پاڻي ڀريندڙ عورتون. تصوير ڏسي جانڪيءَ جا نيڻ ڇُلڪي پيا.

جانڪيءَ گهر اچي تصوير اشوڪ ۽ ٻارن کي ڏيکاري. ٻار تصوير ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. سڀني گڏجي اها تصوير ڊرائنگ روم جي ديوار تي لڳائي.

جانڪيءَ ڀاڻ کي ڳانو ۾ وڃي شيوا ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو هو. اڄ ڪيس وڃي حاظري ڊيڻي هئي، تنهنڪري صبح جو جلدي اُٿي، سنان پاڻي ڪري، اشوڪ ۽ ٻارن لاءِ ماني ناهي، پنهنجي لاءِ ٽفن تيار

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ڪري، بس اسٽاپ تي اچي بس جو انتظار ڪرڻ لڳي. اسڪول جو وقت ۱۱.۰۰ ڪان ۴.۰۰ بجي تائين آهي. بس ساڍي اٺين بجي آئي. ڪچا، مٽيءَ وارا کڏن کڏن وارا رستا، ڌچڪا لوڏا کائيندي بس ساڍي ڏهين بجي چنچپوکلي اهتي ۽ جانڪي پنهنجن لٽن تان ڌوڙ کي جهٽڪائي اسڪول.

اسڪول ڪافي پراڻو هو، پڳل ٽٽل عمارت، بنا فرنيچر وارو اسڪول. اسٽاف به گهٽ هئو. ٻه ٽيچرس ۽ هڪ پٽيوالو. جانڪيءَ کي چارڻ ملي ته هتي پنجن ٽيچرس جي پوسٽنگ جا آرڊرس نڪتل هئا، پر سيني سفارش سان آرڊرس ڪئنسل ڪرايا هئا. پرنسپال ٻه هفتي ۾ هڪ دفعو اچي جاچ پڙتال جي خاناپورتي ڪري ويندو هو. ڪيس پنهنجي اسڪول، جيڪو هتان ڪان لڳ‌ڀڳ ۱۵ ڪلوميٽر دور هو، جي الاوه اسانجي اسڪول جي به جوابداري ڏنل هئي. جانڪيءَ جي الاوه ٻيو ڪو به مهلا اسٽاف نه هو. اسڪول ۾ اسي ٻار پڙهندا هئا پر گهڻا غير حاضر رهندا هئا. ٻه پرش ٽيچرس ٻارن کي پڙهائڻ بدران هيڏانهن هوڏانهن جون اجايون ڳالهيون ڪرڻ ۽ بيڙي چڪڻ ۾ وقت ضايع ڪندا هئا. جانڪي پهرئين ڏينهن ايترو ئي جاڻي سگهي. سندس ڪلاس ۾ پنج ٻار حاضر ٿيا تن سان سچاٽپ ڪري جانڪيءَ کين سپاٽي سيني ٻارن کي حاضر ٿيڻ جو نياپو ڏيڻ لاءِ چيو. ائين ڪندي شام جا چار لڳا ۽ جانڪي بس سان ڀوپال لاءِ رواني ٿي. وري ٻن ڪلاڪن جي ٽڪائيندڙ ياترا ڪري جانڪي ساڍي ڇهين بجي گهر پهتي. ٻئي ٻار پنڪي ۽ انوپ انتظار ڪري رهيا هئا. جانڪيءَ کي ڏسي ممي - ممي ڪري چنبڙي پيا. ٻنڪيءَ پڇيو: ممي، توهان ڳانو ڏٺو؟ ها بيٽا.

ممي اسانکي ٻڌايو، ڳانو ڪهڙو ٿيندو آهي؟

بيٽا، ڳانو ننڍو هوندو آهي. اتي وڏا اسڪول، ڪاليج، بازار، سنا پڪا گهر نه هوندا آهن. ڪچا رستا، ڪچا گهر ۽ سچا سرل ماڻهو هوندا آهن. اتي کيت هوندا آهه، کوهه هوندا آهن، پر شهر جهڙيون سک سهوليتون ڪونه هونديون آهن.

انوپ: پوءِ ماڻهو اتي رهندا ڪيئن آهن، ممي،

جانڪي: اتي سڀ هڪ ٻئي جا هنراه ٻڌجي خوش رهندا آهن.

انوپ: ممي، توهان ته ڏاڏا ميرا ٿي آيا آهيو ڳانو مان، توهانجي

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

وارن ۾ بہ متي لڳي پئي آهي.
جانڪي: ها بيٽا، مان اجهو سنان ڪري اچان، پوءِ توهان لاءِ ماني ٿي ناهيان، بک لڳي هوندوَ. جانڪيءَ پهرئين ئي ڏينهن ٿڪاوٽ محسوس پئي ڪئي. سنان ڪري نڪتي تہ اشوڪ بہ اچي ويو. رات جي ماني کائڻ وقت جانڪيءَ اشوڪ کي پهرئين ڏينهن جي سڄي ڳالهہ بيان ڪئي. تڏهن اشوڪ چيس، پائي هاڻي تو مٿان ڏُن سوار هئي ڳانو ڏسڻ جي، ڏس، جيءُ ڀري ڏس. مونکي نٿو لڳي تہ تون روز اچ وچ ڪري سگهنديئن. اسڪول ۾ پڙهائڻ سان گڏ چئين ڪلاڪي جو بس جو سفر سو بہ مڌيہ پرديش جي رستن تي جتي رستو ڳهٽ ڏڪا وڏيڪ، ڪو سولو ڪم ناهي. جانڪيءَ کي اسڪول ۾ هڪ مهينو ٿيو هو. جانڪي بين ٻنهي ٽيچرس کان سينئار هئي، پر ٽيچرس ورلي سندس صلاح مڃيندا هئا. جانڪي تڏهن بہ پوري اُتساهہ ۽ ايمانداريءَ سان اسڪول ۾ ٻارن کي پڙهائيندي هئي. هاڻي اسڪول ۾ ٻار سني تعداد ۾ اچڻ لڳا هئا. ڳانو جي آبادي اٽڪل ڏهہ هزار هئي. جانڪيءَ ڳانو جي سرپنچ سان بہ ملاقات ڪئي ۽ اسڪول جي عمارت ۽ فرنيچر لاءِ ڳانو جي رهواسين جي سهيوگ لاءِ اپيل ڪيائين. گڏو گڏ پرنسيپال صاحب جي معرفت شڪشا کاتي ڏانهن بہ درخواست موڪليائين. سرڪار پاران تہ نہ ٻوٽو ٻرٽو هو نہ ٻريو. پر ڳانو وارن واهہ جو ڪم ڪيو ۽ ٽن ڏينهن ۾ ئي ويهہ هزار ڪنا ڪيا. جنهن مان عمارت جي مرمت ۽ ضروري فرنيچر خريد ڪري سيڙهي وغيره ڪرائي اسڪول کي ڏسڻ جهڙو بڻايو. سڄي ڳانو ۾ جانڪيءَ جي ساراهہ ٿيڻ لڳي. اسڪول جا وديارٿي بہ جانڪيءَ جا مريد بڻجي پيا هئا. جانڪي ڪينپڙهائيءَ سان گڏ نئتڪ شڪشا بہ ڏيندي هئي. صاف سٿرو رهڻ، وڏن جو آدر ڪرڻ ۽ خوب محنت ڪرڻ جو سنديش ڏيندي هئي. سرپنچ جانڪيءَ کي صلاح ڏني تہ روز جي اچ وچ سان سندس صحت تي اثر پئجي سگهي ٿو، تنهنڪري ڳانو ۾ ئي رهڻ جي التجا ڪيائين ۽ هفتي ۾ ٻہ دفعا ڀوپال وڃڻ جي سمجهائش ڏنائين. پر جانڪي اسڪول سان گڏ گهر جي بہ پوري جوابداري نڀائڻ نيڪ جاتو جيئن ڪنهن کي چوڻ جو موقعو نہ ملي. اچ واپس اچڻ مهل بس خراب ٿيڻ ڪري، جانڪي سادي نوين بجي گهر پهتي. ٻار ۽ اشوڪ انتظار ڪري رهيا هئا ۽ ڪافي پريشان بہ هئا. انوپ ۽ پنڪيءَ چيو؛ ممي، اچ ڏاڍي دير

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ڪري ڇڏيوَ، ڇا ڳالهہ آهي؟ ممي توهان ٿڪجي پيا آهيو؟

ها بيٽا، منهنجي ڪمر ۾ سور ٿي پيو آهي.

پوءِ مُوو لڳايوُ ممي؟

نہ بيٽا، ڳانو ۾ مُوو ڪٿان آيو. ڪٽي اڇي لڳايو. ٻار ڪيس مُوو لڳائڻ لڳا تڏهن جانڪيءَ پڇيو؛ توهان ڪڇ ڪاڏو آهي ڪين نہ؟

ممي، پاپا ڇانور ٺاهيا هئا پر ترو لڳي ويو هون. اسانجي سنا ڪون لڳا. ارانڪي ڏاڍي بک لڳي آهي.

اشوڪ چپچاپ بيني لڪاءُ ڏنو. هن جانڪيءَ ڪان ڪڇ بہ نہ پڇيو. جانڪيءَ اٿي ٻارن لاءِ روٽي پچائي ۽ ڪين پنهنجي هٿن سان ڪارائي. اشوڪ بہ چپچاپ روٽي کائي وڃي آرامي ٿيو. جانڪيءَ اشوڪ کي ٻڌايو تہ بس خراب ٿيڻ سبب اڄ دير ٿي هئي. پر اشوڪ کو جواب نہ ڏنو. صبح جو جانڪي جڏهن اٿي تہ ڪيس مٿو ڳرو ۽ تپ محسوس ٿيو تنهنڪري اسڪول ڪونہ وڃي سگهي. ٻئي ڏينهن آرتوار جي موڪل هئي. سومر ڏينهن بس ۾ ويندي وقت ڪيس سرپنچ صاحب جي ڳالهہ واجب لڳي تہ هفتي ۾ بہ ٽيرا ٻوپال وڃي باڪي ڏينهن ڳانو ۾ رهڻ بهتر ٿيندو. سرپنچ صاحب پنهنجي گهر ۾ ئي جانڪيءَ لاءِ هڪ صاف سٿري ڪمري ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي. اهو نيڪ ٿيندو جو صحت جو خيال ڪرڻ ضروري هو. هوءَ اڄ ئي سرپنچ صاحب سان بنهيءَ باري ۾ چرچا ڪندي، پوءِ اشوڪ کي بہ مڃائيندي. دل ۾ خيال ڪيائين تہ منگل وسپت ۽ ڇنڇر ڏينهن ٻوپال وڃڻ سان ڪڇ آرام بہ ملندو. گهر ۽ اسڪول جي جوابداري بہ سٺي نموني نڀائي سگهندي. ها اشوڪ کي ٿوري تڪليف سهڻي پوندي. اشوڪ اڳيان منهنجو پيار پريو ضد ڪم ڪري ويندو.

اڄ سرپنچ صاحب سان ڳانو ۾ رهڻ جي رضامندي ڏيئي جانڪي شام جو گهر پهتي. ساڻ تازا تازا مڪائيءَ جا سنگ بہ آندا هئائين. اشوڪ، پنڪي ۽ انوپ کي سنگن جي ’ڪس‘ ٺاهي ڪارائيندي. ٻار مميءَ کي چنبڙي پڇڻ لڳا توهانجي طبيعت ڪيئن آهي ممي؟ اشوڪ بہ ڪانئس حال حال پڇيو.

مان بلڪل نيڪ آهيان. اڄ مان توهان لاءِ نئين ڊش ٿي ٺاهيان - سنگن جي ’ڪس‘.

سنگن جي ’ڪس‘! اهو وري ڇا ٿيندو آهي؟ انوپ ۽ پنڪيءَ

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

پڇيو.

هي ڏسو مڪائيءَ جا ڪچڙا نرم نهرم سنگ، انهن جي ڊش ٺهندي. وچ پنڪي فرج مان ساوا ڏاڏا ڪڍي اچي صاف ڪر. انوپ تون هو سانچو ڪڍي اچ جنهن سان پٽاٽي جي چپس ٺاهيندا آهيون. انوپ ۽ پنڪيءَ کي ڪم ۾ لڳائي جانڪيءَ سنگن جون ڪلون لاهي سانچي سان مڪائيءَ جي داڻن جي پيسٽ ٺاهي، پوءِ تئيءَ ۾ تيل - مصالحا وجهي، جهيڙي ٻارڻ تي ڊش تيار ڪري، ساوا ڏاڏا ٻرڪي، جڏهن ٻارن ۽ اشوڪ کي ڏني تہ سڀ هٿ چٽيندا رهجي ويا. ڇا تہ لزيز شيءِ هئي 'سنگن جي ڪس' هاڻي اسانکي هڪ تعفو 'kiss' ائين چئي ٻارن اچي جانڪيءَ کي 'kiss' ڪيو. تڏهن جانڪيءَ شرمائي اشوڪ ڏانهن نهاريو، جيڪو ڏيري ڏيري مشڪي رهيو هو.

سيني ڪس ڪائي پيٽ ڀريو. پوءِ ٻار هوم ورڪ ڪرڻ لائي پنهنجي روم ۾ ويا. اشوڪ جانڪيءَ ڀرسان اچي چيو، جانڪي مان ڏسي رهيو آهيان تنهنجي روز روز جي اچ وڃ تنهنجي صحت تي اثر ڪري رهي آهي. تنهنجي چهري جي تازگي ۽ نور بہ ساڳيو ناهي. اگر ڳانو ۾ ڪو سنو گهر مسواڙ تي ملي تہ هڪ نہ ٻئي ڏينهن اچڻ سان توکي ڪجھ راحت ملي سگهي ٿي.

تو منهنجي من جي ڳالھ ڪيئن ڄاڻي ورتي اشوڪ! مان پاڻ توکي چوڻ واري هئس. ڳانو جو سرپنچ سنو انسان آهي، هن مونکي پنهنجي گهر ۾ ئي هڪ ڪمرو ڏيڻ جي آڇ ڪئي آهيس. تون منهنجو ڪيڏو خيال ٿو ڪرين، جانڪيءَ اشوڪ جي ڪلهي تي ڪنڌ رکندي چيو. سندس من ۾ اشوڪ لاءِ شرڌا ۽ پيار پرجي آيو.

هاڻي جانڪيءَ هڪ نہ ٻئي ڏينهن پوپال اچڻ شروع ڪيو. ڳانو ۾ رهي هوءَ وديارٿين تي وڌيڪ ڌيان ڏئي سگهندي هئي. تنهن ڳانسواءِ ڳانو واسي ٻين ڪمن ۾ بہ جانڪيءَ کان صلاح وٺندا هئا. سرپنچ تہ ڪيس ڌيءَ ڪري ڄاڻندو هو ڏيري ڏيري ائين لڳڻ لڳو تہ ڳانو جانڪيءَ ڳانسواءِ اڌورو آهي. اسڪول جا ٻيا بہ پرش ٽيچرس بہ هاڻي وديارٿين تي ڌيان ڏيڻ لڳا هئا. ڇڻ ڪو چمتڪار ٿيو هو. هڪ انسان جي ايماندار ڪوشش سچائي ۽ لگن جو ايڏو وڏو اثر. آمين.

اشوڪ کي ڪجھ ڏکيائي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. آفيس سان گڏ گهر جو ڪم، ٻارن کي هوم ورڪ ڪرائڻ وغيره ڪيس بوجھ لڳڻ لڳا

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

هئا ۽ هو تفاوت محسوس ڪرڻ لڳو هو. جانڪي هاڻي گهر کان وڌيڪ پنهنجي اسڪول ۽ ڳوٺ جي باري ۾ سوچڻ لڳي هئي. ڪيس خبر ئي نہ پئي تہ اشوڪ ۽ سندس ٻار هن کان پري پري پيا ٿيندا وڃن. امتحان ويجها هئا، جانڪي پنهنجي وديارٿين تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳي هئي. جانڪيءَ جي محنت سڦل ٿي ۽ اسڪول جو رزلٽ بہ سؤ في صدي رهيو. گذريل سال پندرهن سيڪڙو هو. سڄي ڳوٺ ۾ جانڪيءَ جي ساراه ٿيڻ لڳي. پرنسسيپال صاحب بہ سڀني ٽيچرس کي واڌايون ڏنيون ۽ جانڪيءَ وديارٿين کي. پوءِ خوشيءَ ۾ پريل جانڪي بس ۾ چڙهي پوپال ڏانهن رواني ٿي. ٽنهن ڏينهن ٻن ڪلاڪن جي ياترا جڻ اک ڇنڀ ۾ پوري ٿي ويئي. گهر پهچي هن پنڪيءَ ۽ انوپ کان رزلٽ جي ڄاڻ ورتي. ٻئي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيا هئا پر سندن مارڪون اميد کان ڪجهہ گهٽ هيون. جانڪيءَ کي احساس ٿيو تہ وقت جي ڪوتاهيءَ سبب هوءَ پنهنجن ٻارن مٿان پورو ڌيان نہ ڏئي سگهي هئي. ڪيس افسوس ٿيو ۽ من ۾ چُڪ سڌارڻ جو پرڻ ڪيائين.

وئڪيشن ۾ سيئي گهمڻ لاءِ پچمڙي ويا ۽ ست ڏينهن هِل اسٽيشن جي موج ماڻي واپس آيا. جانڪيءَ موڪلن ۾ پنهنجن ٻارن کي پڙهايو ۽ سندن پريوار وري هڪ سوتر ۾ ٻڌجي ويو. اشوڪ جانڪيءَ جي سڦلتا تي خوش تہ هو پر ڪيس پنهنجي ٻارن جي آئينده جو بہ فڪر هئو.

جانڪيءَ جو ڳوٺ جي اسڪول ۾ هيءُ ٻيو سال هو. هوءَ اسڪول جي بهتريءَ لاءِ لڳندي رهندي هئي پر اتان کو اميد پريو جواب نہ ايندو هو. ٽنڌهن بہ ڳوٺ وارن جي سهڪار ۽ وديارٿين جي محنت سان هاڻي اسڪول جو پنهنجو راند روند جو مئدان هو، جنهنجي چئني پاسي لڳايل ٻوٽا هاڻي وڻن جو روپ وٺي رهيا هئا. هڪ سال پهرين جيڪا اسڪول جي تصوير هئي تنهن ۾ زمين آسمان جو فرق اچي ويو هو. تڏهن بہ اڃا بهتر هئڻ جي گنجائش محسوس ڪندي جانڪي اسڪول ۽ ڳوٺ جي سڌا جي ڪارين ۾ وڌيڪ مشغول ٿيندي ويئي.

جانڪي پنهنجي طرفان گهر ۽ اسڪول جي ڪمن کي سهڻي نموني انجام ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي هئي پر وقت تہ پَر لڳائي اُڏامي ويندو هو ۽ هوءَ چاهيندي بہ گهر ڏانهن اوترو ڌيان نہ ڏيئي سگهندي هئي جيتري درڪار هئي.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

اشوڪ محسوس ڪيو تہ جانڪيءَ جي ڳانو وڃڻ ڪان پوءِ گهر جڻ ہ ڦاڪون ٿي پيو آهي. هڪ تہ ٻارن جي پڙهايءُ تي اثر پيو گهر جڻ ڳه ئي نہ پئي لڳو. رڌ پچاءَ تہ ڪٽي مائي ڪري ويندي هئي پر جانڪيءَ جي هٿ جي نهيل مانيءَ ۾ پريل پريم جو سواد تنهن ۾ ڪيئن اچي. ڪيس لڳو تہ زندگي جڻ بيماني ٻڻجي پئي آهي. اهو سڀ جانڪيءَ جي پاڳلپٽي ڪري ئي ٿيو آهي.آخر گهر ڏانهن بہ تہ سندس جوابداري آهي. گهر پريوار ڪان وڌيڪ ضروري ڳانو وارن جي شيوا آهي ڇا؟ هن جانڪيءَ سان صلاح ڪرڻ بنا سندس ٽرانسفر لاءِ عرضي لڳائي ۽ سفارش پڻ ڪرائي.

ڇنڇر ڏينهن جانڪي وڌيڪ خوش هوندي آهي جو ڪيس آرتوار ڏينهن پتيءَ ۽ ٻارن سان هڪ سڄو ڏينهن گڏ رهڻ جو موقعو ملندو آهي. اڄ ڇنڇر ڏينهن اسڪول مان جلدي ڇُٽي ٿي هئي جا ڳانو ۾ ٻن ڏينهن لاءِ ميلو لڳو هئو. جانڪي وري مڪائيءَ جا سنگ ۽ ڪمند جون ڳنديريون ڪٽي شام جو ڇئين بجي ڀوپال پهچي ويئي. اشوڪ ۽ ٻار گهر ۾ نہ هئا. جانڪيءُ هٿ منهن ڌوئي آندل ڳنديريون پليٽ ۾ سجايون ۽ سنگن جي ڪس ٿاهي ’هاٽ پاٽ‘ ۾ رکي، اشوڪ ۽ ٻارن جو انتظار ڪرڻ لڳي. تڏهن ٻار بہ اسڪول مان واپس اچي ويا. ماءُ کي جلدي گهر آيل ڏسي خوش ٿيا ۽ سندس پير ۾ ويهي ٻن ڏينهن ڪان دل ۾ سانديل پياريون پياريون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. اشوڪ بہ آفيس مان اچي ويو. ايندي وقت ٻارن لاءِ پين پينسل ۽ ڪتاب وٺي آيو هو.

جانڪيءَ ڪچن مان ’ڪس‘ ۽ ڳنديريون آڻي سندس سامهون رکيون. اشوڪ تہ پهرين ڪان ئي پريو پيو هو، ڪس ۽ ڳنديريون ڏسي ڦاٽي پيو. چيائين، ڏس جانڪي، مهرباني ڪري آئينده اهي بيڪار جون شيون ڳانو مان نہ آڻيندي ڪر. اسانکي ڳنديريون ۽ ڪس ڪائڻ جو ڪو چاهہ ڪونهي. توڪان سواءِ هيءُ گهر اسانکي گهر نٿو لڳي. ٻار توکي ڪيڏو مِس ٿا ڪن، شايد توکي ڄاڻ ناهي. توکي ڳانو ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي اِڇا هئي سا تہ هاڻي پوري ٿي ويئي. توکي پورو ڏيڊ سال ٿي ويو آهي ڳانو ۾. مان تنهنجي ٽرانسفر جي عرضي لڳائي سفارش پڻ ڪرائي آهي. اميد آهي جلدي عرضي منظور ٿي ويندي. تون مهرباني ڪري وري چرياڻپ نہ ڪجانءِ، نہ تہ مان چريو ٿي پوندس.

توائين ڇو ڪيو اشوي؟ مونسان صلاح تہ ڪرين ها.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

توسان صلاح...تون تہ وري بہ ائين چئين ها ’مان ڳوٺ ۾ ئي شيوا ڪرڻ ٿي چاهيان‘. توکي خبر آهي تنهنجي سنڪ جو اسانجي ٻارن تي ڪهڙو اثر پيو آهي؟ ڪين سنو ڪاڏو، سني رهنمائي ۽ ماءُ جي پيار ڪان بہ محروم ٿو رهڻو پوي.

پر منهنجو ڪرتويہ...منهنجو ڪاريہ...

بس جانڪي، هاڻي گهڻو ٿيو. گهر، ٻارن ۽ پتيءَ لاءِ تنهنجو ڪو فرض ناهي؟ ٻن گهوڙن تي سواري ڪرڻ ڪا مسخري چئبي ڇا؟ حال ۾ تہ تون نہ گهر پريوار سان نياءُ ڪري رهي آهين، نہ اسڪول ۽ وديارٿين سان ۽ نہ ئي پنهنجي صحت سان. پنهنجي سحت ڪي تہ ڏس جانڪي، ڳوٺ ۾ وڃي ڄڻ جيئڻ ئي پلجي ويئي آهين تون. توکي تہ اهو بہ ياد ڪونهي تہ ڪڏهن ٻارن جو جنم ڏينهن آهي، ڪڏهن اسانجي شاديءَ جي سالگرهہ آهي. مونکي تہ لڳي ٿو توکان اهو بہ وسري ويو هوندو تہ اسان جا ٻار ڪهڙي ڪلاس ۾ آهن. ٻين جي شيوا ڪرڻ، ٻين لاءِ جيئڻ سني ڳالهہ آهي، مان مڃان ٿو، پر ڪنهن حد تائين، پنهنجي زندگيءُ جي قيمت تي نہ. سرڪار جي بہ اها ڪوشش رهندي آهي تہ پتي - پتنيءَ کي هڪ ئي جاءِ تي پوسٽ ڪندا آهن جيئن سهڻي نموني شيوا ڪاريہ ڪري سگهن ۽ تو خود پنهنجو ٽرانسفر ٻيءَ جڳهہ تي سو بہ ڳوٺ ۾ ڪرايو. واهہ جانڪي واهہ، ڇا چئجي تنهنجي سمجهداري.

جانڪي چپچاپ اشوڪ ڏانهن نهاريندي رهي. ڪيس لڳو تہ ڳوٺ ۾ لڳايل ٻوٽو وڻ ٿيڻ ڪان اڳ ئي ڪومائجي رهيو آهي. ڪيس اشوڪ جي خودغرض وهنوار ۽ محدود نظرئي تي افسوس ٿيو، پر ائين پئي لڳو تہ ڪٿي هوءَ پاڻ بہ تہ خودغرض ناهي! اشوڪ جانڪيءَ جي بدليءَ لاءِ بيحد ڪوشش ڪئي ۽ آخر ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيو. اشوڪ ڏاڍو خوش هو. جانڪيءَ جي بدلي واپس ڀوپال ٿيڻ جي خبر تي سڄو ڳوٺ غمگين هو. سرپنچ، وديارٿي، وديارٿين جا ماتا پتا سڀ. ڪين ائين پئي لڳو ڄڻ سندن رهنما ڪين اڌ وات تي ڇڏي ٿو وڃي. الوداع مجلس (ضںصںرج سڑضڑںرپ) ۾ جانڪيءَ ٻارن جي حوصلا افزائي ڪندي چيو: مان هميشہ توهان سان گڏ آهيان، مونکي جڏهن بہ موقعو مليو تہ مان پريوار سان گڏ حاضر ٿينديس. مونکي توهان جو ڀرپور پيار ۽ سهڪار مليو، جنهنکي مان سيني سان سنڍي رکندس. سرپنچ

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

صاحب مونکي پتا جو پيار ڏنو، مونکي هيءُ ڳانو پيڪن جو گهر لڳو. مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي ته اسان اسڪول جي بهتريءَ لاءِ هميشه ڪوشش ڪندا رهون جيئن ڪو به ٻار اڻ پڙهيل نه رهي. سيٺي کي نمسڪار ڪري، سرپنچ جا چرڻ اسپرش ڪري، جانڪي ڳانوءِ اسڪول کي به پرڻام ڪيو. سندس نيڻ پرجي آيا. سيٺي کان موڪلاءِ وري هر هر ڳانو اچڻ جا واعدا ڪري جانڪي پوپال رواني ٿي.

جانڪيءَ جي پوپال بدلي ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ اشوڪ به پنهنجي گهر ۾ جلسي جو انتظام ڪيو هو. خاص خاص ماڻهن، مٽن مائٽن کي نيند ڏني هئائين. اشوڪ ڏاڍو خوش هو ۽ مهمانن جي آجيان ڪري رهيو هو. پارٽي پوري شباب تي هئي، پر جانڪي الائي ڪهڙن خيالن ۾ گم هئي. تڏهن سندس ساهيڙيءَ ڪيس واڌايون ڏيندي چيو، ”هئپي هوم ڪمنگ“. ڏاڍي خوشي ٿي تون پوپال واپس اچي وئينءَ ۽ اسانکي دعوت ۾ لذيذ طعام کائڻ جو موقعو مليو. پائي هر هڪ شيءِ سوادشت آهي، سڀ هٿ پيا ٽا چٽن. توکي ڇا سوادشت لڳو جانڪي؟ اشوڪ پڇيو.

”سنگن جي ڪس“ جانڪيءَ چڻ نند مان جڳندي چيو.

اشوڪ ڏمرجندي چيو، ”سنگن جي ڪس؟ جانڪي تون آهين ڪٿي؟ هاڻي ته ڳانو مان واپس اچي وڃ. هتي ڪا ڪس بس ڪونهي.“ جانڪيءَ جون سهيڙيون ۽ ٻئي مهمان کلڻ لڳا ۽ جانڪيءَ کان ڳانو جي بابت پڇڻ لڳا.

جانڪي خاموش رهي. اشوڪ کلندي کلندي چيو، پائي ڪجھ نه پڇو. ڳانو ۾ جانڪيءَ جي ته زندگي داو تي لڳي هئي. اگر ڪجھ ڏينهن اجان ڳانو ۾ رهي ها ته مونکي ۽ ٻارن کي به نه سڃاڻي ها ۽ شايد پاڻ کي به.

سڀ کلڻ لڳا ۽ پڳوان جا ٿورا مڃيندي چوڻ لڳا ؛ شڪر آهي اسان ڳانو ۾ ڪونه رهندا آهيون.

اشوڪ به کلندي چيو؛ ها سچپچ شڪر آهي، هاڻي جانڪي به ڳانو ۾ ڪونه رهندي آهي.

جانڪي ته خاموش رهي، پر سندس چهرو ۽ اکيون ڪافي ڪجھ بيان ڪري رهيا هئا.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ڳل ۽ ڪنڊا

ستي بس ۾ ويٺي شيلا هر هر پئي واچ تي نظر وڌي. هي پڳوان، ستي بس به ڪيڏي ڍيري ٿي هلي. سپ سيٽس پريل تڏهن به جتي ڪٿي بس کي بهاري وجن تا ماڻهن کي پريندا. اڌ ڪلاڪ جو رستو ڪلاڪ ۾ ٿيون تئہ ڪن ستي بسيون. هڪ ڏينهن جي ڳالهه هجي تڏهن به ٺيڪ، ستي بس سان ته روز واسطو پوڻو آهي. دفتر آهي ته گهر کان اٺ ڪلو ميٽر پر ستي بس وارا ته رڳو پنهنجا خيصا پرڻ چاڙين. ڪين ياترين جي سهوليت ۽ وقت جي ملهه سان ڪهڙو واسطو. صبح دفتر ويندي وقت به ساڳي ڳالهه ۽ شام جو گهر موٽڻ وقت به ساڳي.

گهر پهچڻ ۾ شيلا کي اجان لڳيگ اڳ ڪلاڪ لڳندو. شيلا کڙڪيءَ کان ٻاهر نهاريو. ڇهين بجي ئي ڪافي انڌيرو پيو لڳي. موسم به سرد ٿيڻ لڳو هو. بس ۾ ويٺل ماڻهن ڊرائيور کي جلدي هلڻ لاءِ چيو. تنهن تي ڊرائيور چيو، جنهن کي جلدي هجي سو بس مان لهي آٽو رڪشا ۾ وڃي، اسانجي بس جي رفتار ايتري آهي.

بس ڍيري ڍيري هلي رهي هئي. رستي جي ڪناري ننڍا ننڍا ڪچا پڪا گهر نهيل هئا. غريب طبقي جا ماڻهو هن بستيءَ ۾ رهندا هئا. بس اسٽاپ تي اچي بيٺي ۽ ڪافي ماڻهو لٿا پر جيترا لٿا انهيءَ کان وڌيڪ سوار ٿيا. ماڻهو هڪ ٻئي مٿان ڪرن پيا. شيلا ننڍن ننڍن گهارن ٻاهران ڪچري جي ڍيرن کي ڏسي نڪ تي رومال رکيو. سوچڻ لڳي ماڻهو اهڙن گهرن ۾ ڪيئن رهندا هوندا. شيلا کي ننڍي گهر، سستي فرنيچر ۽ نقلي گلن کان نفرت آهي.

اچانڪ هڪ هنڌ بسي بيٺي ۽ اتان هڪ سواري لٿي. بس تڏهن به بيٺي رهي. تڏهن ماڻهن ڊرائيور کي چيو، ڀائي هتان بس ۾ ڪو به سوار نه ٿيندو، هيءَ وڏن ماڻهن ۽ وڏن بنگلن وارن جي بستي آهي. شيلا به وڏن گهرن ۽ بنگلن کي اُتسڪتا سان ڏسڻ لڳي. ڪيس وڏا عاليشان بنگلا ڏاڍا سنا لڳندا آهن. گهر جي ٻاهران باغ بغيچا، رنگ برنگي گلاب جا گل، پورچ ۾ بيٺل ڪار، گيٽ تي بيٺل چوڪيدار. شيلا به باغ بغيچي ۽ گلاب جي گلن واري بنگلي جا سپنا ڏٺا هئا. ڪيس گلاب ۽

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ڱلن سان خاص پريم هو. شاديءَ کان اڳ هن موهن کي چيو هو تہ اسان جو گهر بہ وڏو ۽ گلاب جي بغيچي وارو هئڻ کپي.

موهن پنج سال اڳ ئي ڀوپال آيو هو، کيس پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپني ”منولتا ايڪسپورٽ“ ۾ نوڪري ملي هئي. موهن هوشيار هو، سندس محنت، لگن ، ايمانداري ۽ هوشياريءَ سبب کيس جلد ئي پرموشن مليو هو ۽ هو هاڻي ڪمپني ۾ پرچيز آفيسر هو. موهن ڀوپال ۾ اڪيلو ئي هو جو سندس ماتا پتا تڏهن روڊ ائڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويا هئا جڏهن هو اٺن سالن جو هو. هن نانيءَ جي گهر رهي پڙهائي ڪري پوسٽ گريجوئيشن ڪئي هئي. سندس ناني بہ وڃي ڀڳوان کي پياري ٿي هئي. تڏهن هو ڪانپور کي الوداع ڪري ڀوپال آيو هو.

شيلا جي پتا جو دڪان ۽ موهن جو دفتر پاس پاس ئي هئا. موهن جهڙي سندر سني نوڪريءَ وارو ڇوڪرو ڏسي سندس پتا موهن سان گڏيو ۽ پوري ڄاڻ وٺي اچي پنهنجي پنتيءَ سان ڳالهہ ڪئي. سندس پنتي پهرين تہ راضي نہ ٿي جو مهن بلڪل اڪيلو هو ۽ هنجو پنهنجن ڀين مٽن مائٽن سان ڪو واسطو نہ رهيو هو. پر اهو سوچي تہ زندگي ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ کي گهارڻي آهي ۽ موهن هر لحاظ سان سندس ڌيءَ لاءِ يوگيہ ور آهي، کيس پنهنجو نياٽو بڻيئڻ تي راضي ٿيا هئا.

مڱڻي کان پوءِ موهن اسٽيٽ بئنڪ آف اِنڊيا مان قرض وٺي پنهنجي حيثيت مطابق گهر ورتو هو ۽ بائيڪ پڻ خريد ڪئي هئي. شاديءَ کان پندرهن ڏينهن اڳ پوڄا پاٺ هون وغيره ڪرائي موهن گرهہ پرويش ڪيو هو. سندس گهر وڏو تہ نہ هو پر گهر ۾ ننڍو لان ضرور هو جنهن ۾ شيلا رنگ برنگا گلاب لڳايا هئا. خود ئي ٻوٽن جي سنڀال بہ ڪندي هئي. شيلا خوش هئي تہ سندس گهر سنيءَ بستيءَ ۾ ۽ صاف سٿرو آهي. ٻن پاتين لاءِ تہ ٻن ڪمرن ۽ ڊرائنگ - ڊائينگ وارو گهر وڏو ئي هو.

اچانڪ شيلا جي تندرا ٽُٽي. بس اسٽاپ اچي ويو هو جتي کيس لهڻو هو. بس مان لهي گهر ڏانهن ويندي کيس ياد آيو تہ گهر ۾ ڀاڄيون ڪون آهن. آفيس ويندي وقت هوءَ پنهنجي پتيءَ موهن کي ڀاڄيون وٺي اچڻ لاءِ چئي ويئي هئي پر کيس پڪ هئي تہ

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

موهن گهر کان ٻاهر ئي نہ نڪتو هوندو. ٽنهنڪري پاڻ ئي ٿيلهي واري کان پاڇيون وٺي گهر پهتي.

گهر پهچي هٿ منهن ڌوئي، رات جي روٽي ٺاهڻ، رات جو دير سان سمهڻ، صبح جلدي اُٿي ڪم ڪار لاهي آفيس وڃڻ اها ئي ڊيلي روٽين هئي شيلا جي. ڪيس پراڻن ڏينهن جي ياد اچڻ لڳي جڏهن موهن سان سندس شادي ٿي هئي. موهن پڙهيل لکيل وهنوار ڪُشل، سهڻو پيارو موهن. ڪيڏي خوش هئي شيلا. موهن ڪيس ڏاڍو چاهيندو هو.

موهن صبح جو بائيڪ تي آفيس ويندو هو ۽ آفيس بدن ٿيڻ تي گهر اچي ويندو هو. شيلا بہ شام جو سهي سنيري موهن جو انتظار ڪندي هئي. ڪيس روز نوان نوان طعام ٺاهي کارائيندي هئي. رات جي ماني کائي روز گهمڻ لاءِ نڪرندا هئا. اڌ مُنو ڪلاڪ پئدل گهمندا ۽ سڄي ڏينهن جو پوتاميل هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا کلندا خوش ٿيندا گهر موٽندا هئا. آرتوار سڄي ڏينهن تہ خاص گهمڻ جو پروگرام رهندو هون. ڪڏهن پڪچر ڪڏهن بوٽنگ تہ ڪڏهن آئوٽنگ. باقي ڏينهن لان ۾ رنگ برنگا گلاب جا ٻوٽا لڳائڻ، گهر سينگارڻ ۽ خود سهي سنيري پتيءَ جو انتظار ڪرڻ اهو ئي ڪم هو شيلا جو. ڪيس هر ڪاريہ سليڪي سان ڪرڻ جي عادت هئي تڏهن تہ هن پنهنجي پياري ننڍڙي گهر کي بہ سليڪي سان سينگاريو هو. شام جي وقت لان مان ايندڙ گلن جي خوشبوءِ، موهن جو ساٿ ۽ رس پريل ڳالهين جيون کي وڏيڪ خوشنما بڻائي ڇڏيو هو.

هڪ ڏينهن شام جو شيلا سهي سنيري، موهن کي خوش خبري ٻڌائڻ لاءِ انتظار ڪري رهي هئي. ست ٿي ويا هئا. هونئن تہ موهن ڇهين بجي تائين اچي ويندي آهي، اڄ چو دير ڪئي اٿائين. دير سان بہ اڄ ئي اچڻو هوس. مان پلا گهڻي دير خوشيءَ کي دل ۾ سانڍي رکنديس. مونکي تہ خبر آهي مان ماءُ ٿيڻ واري آهيان. موهن کي تہ مان ئي ٻڌائينديس نہ تہ هو پيءُ ٿيڻ وارو آهي. شيلا جي من ۾ اُبتا سُبتا ويچار اچڻ لڳا. تڏهن ڪيس ياد آيو، موهن ڪلهہ رات گهمڻ ويندي وقت ٻڌايو هو تہ آفيس جي اسٽور روم جي چابي شايد دفتر ۾ ئي وساري آيو هو. سوچڻ لڳي شايد چابي ملڻ ۾ وقت لڳندو هجيس. هوءَ وري انتظار ڪرڻ لڳي. آفيس فون ڪرڻ هن مناسب نہ ڄاتو جو

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ساڍا ست وڳي رهيا هئا. وقت ويو

گذرندو، اٺ، نو، ڏهه، يارهن ..رات جو اٽڪل ٻارهين بجي ٻاهريون گيٽ کلڻ جو آواز آيو. شيلا ڊڪندي ڪڙڪيءَ تائين اچي ٻاهر نهاريو. سامهون ،وهن کي ڏسي پريشان ۽ گهبرايل شيلا سڏڪا ڀري رئڻ لڳي ۽ اچي موهن کي چنبڙي پيئي. چيائين، اڄ ڏاڍي دير ڪيئه موهن، ڇا ڳالهه آهي؟ ڪو ضروري ڪم هو ڇا آفيس ۾؟ فون به نه ڪيئه ته مان ڊيس سان ايندس. منهنجو هتي انتظار ۾ ساهه ئي سڪي ويو آهي.

موهن ڪو جواب نه ڏنو ۽ اندر پنهنجي روم ڏانهن ويو. شيلا پڇيس، ڇا ڳالهه آهي موهن، تون ڪجهه ٻڌائين ڇونه ٿو. موهن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي شيلا چيو مونسان واعدو ڪر ته اڳتي ڪڏهن دير سان نه ايندين.

هاڻي مان آفيس ويندس ئي ڪونه ته دير سان اچڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي، موهن چيو.

مطلب؟ ڇا ڳالهه آهي موهن، صاف ٻڌاءِ.

مان توکي ڪلهه ٻڌايو هو ته منهنجي آفيس جا اسٽور جي چابي اتي ئي رهجي ويئي آهي.

ها.

مان آفيس وڃي پنهنجي چابي ڳولهڻ لڳس. چابي آفيس ۾ منهنجي ٽيبل تي رکيل ٽيليفون جي پرسان پيئي هئي. مونکي تسلي ٿي ته چابي ملي ويئي. پوءِ مان آفيس سڄو ڪم ڪرڻ لڳس. منجهند جو اسٽور مان ڪجهه سامان ڪڍڻو هو سو جڏهن اسٽور جو تالو کوليم ته ...موهن جا اکر زبان تي ئي بيهي ويا.

ته ڇا؟ شيلا پڇيو.

اسٽور مان چوري ٿي ويئي ه، لڳيڳ هڪ لک روپين جو سامان غائب هو. منهنجي مٿان غبن ۽ چوريءَ جو الظام لڳايو اٿن. انڪوائري ٿيندي. جيستائين مان الظام کان مُڪت نه ٿيندس، آفيس مان موڪل.

شيلا بت بڻجي بيٺي رهي. خوشيءَ واري ڳالهه سندس دل ۾ ئي رهجي ويئي. هن جو موهن اهڙو نيچ ڪم ڪري نٿو سگهي. ڪنهن سازش ڪئي آهي موهن سان. شيلا ڪجهه چوي تنهن کان پهرين ئي موهن وڃي بستري تي پاڻ کي سٽيو. شيلا ۽ موهن جي خوشيءَ کي

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ڪنهن جي نظر لڳي ويئي. صبح جو شيلا جي ماءُ پيءُ کي جاڻ ملي ته اهي به هڪدم اتي آيا ۽ موهن کي آٿت ڏيندي چيائون، پٽ تون فڪر نه ڪر، آخر مالڪ ڏسڻ وارو آهي. سچي جي ٻيڙي لوڏا ضرور کائيندي آهي پر ٻڏندي ناهي. اسان سڀ تو سان ساڻ آهيون. بس تڏهن کان ئي سلسلو شروع ٿيو شيلا جي آفيس وڃڻ جو. موهن ته ڄڻ دنيا کان ئي ناتو ڇني ڇڏيو. سڄو ڏينهن بس گهر ۾ قئد. بنا ڪم ڪار ۾ اڪيلائپ ڪري چڙچڙو به ٿي پيو هو. تر تر تي غصو ۽ جهڳڙو سندس سڀاءُ بڻجي ويو هو. بنا ڏوهه سزا ملڻ ته انسان جو هنياءُ ڇڇي نه پوندو ته ڇا ٿيندو. شيلا کيس سمجهائيندي ۽ حوصلو وڌائيندي چوندي هئي، فڪر نه ڪر موهن، مونکي وشواس آهي، تون ضرور بي قصور ثابت ٿيندين. اُت، اڄ اسان گهمڻ هلنداسين. پورا ٻه مهينا ٿيا آهن تون گهر کان ٻاهر نه نڪتو آهين. مان تو منجهه پراڻو موهن ڏسڻ ٿي چاهيان، کلندڙ، کلائيندڙ، پيارو موهن. شيلا موهن جي پير ۾ ويهي سندس ڪلهي تي مٿو رکي چيو، موهن مونکي معاف ڪجانءِ، مان توکي، اسانجي جيون جي اهم ڳالهه ٻڌائڻ ۾ دير ڪئي آهي. جنهن ڏينهن تو اچڻ ۾ دير لڳائي هئي مان تنهنجو انتظار ڪري ٿڪجي پيئي هئس. مان توکي خوشخبري ٻڌائڻ ٿي چاهي، پر تنهنجي ڳالهي ٻڌي بد حواس ٿي پيس ۽ تنهنجي پتا بڻجڻ واري خبر توکي نه ٻڌائي سگهيس. تون پتا ٿيڻ وارو آهين موهن.

موهن جي چهري تي خوشي تري آئي ۽ هن شيلا جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي چيو، سچ، مان پيءُ ٿيڻ وارو......وري الاءِ ڇا سوچي شيلا جو هٿ ڇڏي ڏنائين. بلڪل ٽٽي پيو هو موهن!

آخر زندگيءَ کان ڪوائين ته نراش نه ٿيندو آهي جيئڻ موهن ٿي پيو هو. کيس گهر کان ٻاهر نڪرڻ ۾ ئي ڀئه لڳندو هو. سندس سس ۽ شيلا کيس آٿت ڏينديون هيون پر سڀ بيڪار. ڄڻ کيس ڪنهن سان سروڪار ئي نه هو. نه خود سان نه شيلا سان ۽ نه ئي پنهنجي ٻار سان. شيلا کي گهر ۽ دفتر جا ڪاريه سنڀاليندي، پريشانيون سهندي ست مهينا ٿي ويا هئا. لان کي سجائڻ سنوارڻ جو کيس وقت ئي نه ملندو هو. لان سڪي سندس زندگيءَ وانگر اُجاڙ بڻجي پيو هو. موهن جا بچايل پئسا به گهر خرچ ۾ لڳي ويا هئا. ايندڙ مهيني بئنڪ جي قسط ڀرڻ ۾ به ڏکيائي ٿي سگهي ٿي، اهو سوچي شيلا ٽيليفون

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ڪنيڪشن ڪٽائي ڇڏيو ۽ باسڪ ٻهاريءَ واري مائيءَ کي به موڪل ڏيئي ڇڏي. سندس ماتا پتا مالي مدد ڪرڻ چاهي پر شيلا ائين چوندي انڪار ڪيو ته پاپا! توهان مونکي ان يوڳيه بڻ

يو آهي ته مان ڏکئي وقت مصيبتن سان لڙي سگهان. مونکي پنهنجي لڙائي پاڻ لڙڻ ڏيو. هاڻي ڪيس بس ۾ ويندي غريبن جي بستيءَ جا ننڍا گهر ڏسي حقارت نه ٿيندي هئي. ڪيس محسوس ٿيندو هو ته مجبوريون انسان کي حالتن سان ٺاهه ڪرڻ سيکاري ٿيون ڇڏين. تڏهن ڪيس پنهنجي مٽان ٿي ڪل اچي ويئي هئي. جيڪڏهن موهن نوڪريءَ تي ويندو هجي ها ته اڄ ڪيس هن حال ۾ سٽي بس ۾ سفر نه ڪرڻو پوي ها. هوءَ گهر ۾ ويهي، اچڻ واري راجڪمار لاءِ سوئٽر مڙهي ها، سنا سنا ڪتاب پڙهي ها، سندر تصويرون پنهنجي بيڊ روم ۾ لڳائي ها. پر اهو ئي ته جيون آهي. ڪيس پنهنجي پتا جي ياد آئي، جيڪي اڪثر چوندا هئا:

**‘Life is not a bed of roses’**

شام جا شيلا چيڪ اپ لاءِ ليڊي ڊاڪٽر وٽ ويئي. ڊاڪٽر ڪيس بس ۾ سفر ڪرڻ کان منع ڪئي ۽ آرام ڪرڻ جي پڻ صلاح ڏني. تڏهن هن پنهنجي دفتر ۾ **Matarnity leave** لاءِ درخواست ڏني. سندس آفيسر هڪ رحمدل انسان هو تنهن موڪل سان گڏ روپيه

-/۵۰۰۰ ائڊوانس پڻ ڏنو. شيلا هاڻي گهر ۾ ئي آهي. سندس ماءُ به اچي ساڻس وٽ ٽڪي آهي.

ٽن مهينن بعد موهن ئي دفتر وارن انڪوائريءَ واسطي گهرايو ۽ سڄو ڏينهن دفتر ۾ ئي لڳي ويس. شيلا ۽ سندس ماءُ ايشور کي پرارٿنا ڪرڻ لڳيون ته هي پريو موهن سان نياءُ ڪجانءِ. شام جو ستين بجي موهن آيو ۽ سڌو پنهنجي روم ۾ هلي ويو. شيلا چانهه ۽ نمڪين کڻي روم ۾ آئي ۽ چيائين، موهن، منهنجو من ٿو چيو، هاڻي اسانجا ڏکيا ڏينهن جلدي ختم ٿيندا، تون اجايو همٿ هاري وينو آهين. تون منهنجي ڳالهه مڃ، جيستائين انڪوائري پوري ٿئي تيستائين تون بي نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪر. منهنجي آفيس ۾ مارڪيٽنگ مئنيجر جي پوسٽ خالي ٿي آهي، تون چئين ته پنهنجي صاحب سان ڳالهه ڪيان. شيلا موهن کي چاهه جو ڪٽ ڏيندي چيو.

موهن چانهه جو ڍڪ پريندي شانت ڀاو سان چيو، شيلا مان

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ڏاڍو پاڳن وار آهيان جو تو جهڙي همراه پتني ملي اٿم. تو ڪيڏا ڪشت سهي گهر کي هلايو آهي. مان تنهنجو ٿورائتو آهيان. مان توکي چا ٻڌايان شيلا ته مان اندر جي باهه جي تپت ڪيئن سني آهي. گهڻا دفعا من ۾ ويچار آيو ته اهڙو نيچ الزام سر تي کڻي جيئڻ جو ڪهڙو مقصد آهي؟ پر تنهنجو پيار ۽ وشواس مونکي جيئڻ جو حوصلو ڏيندو رهيو. شيلا مان هن شهر ۾ رهي، ٻي ڪا نوڪري نه ڪري سگهندس، اسان هيءُ شهر ڇڏي هلي نئين سري سان زندگيءَ جي شروعات ڪنداسين. ائين چوندي موهن روئي ڏنو. شيلا کيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو جيئن هو سندس ننڍڙو ٻار هجي. موهن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي آيا، گويا اندر جو سڄو بار ۽ غبار رجي ٻاهر نڪتو هو. هاڻي هو ٻئي شانت هئا. بنا ڪجهه ڳالهاي هڪ ٻئي جي ڳالهه ٻڌي رهيا هئا، سمجهي رهيا هئا.

ٿوري دير بعد موهن کي ننڊ اچي ويئي. شيلا محسوس ڪيو ته موهن جي چهري تي اڄ ڪجهه تازگي آهي. هن موهن جي نرڙ تي چمي ڏني. پوءِ گهر جو رهيل ڪم پوري ڪري وڃي آرامي ٿي. شيلا جو من به اڄ ڪافي هلڪو هو. اڄ نه موهن رات جي ماني کاڌي نه ئي شيلا. پيار جي ڇُهاءَ سان سندن بک مٽجي ويئي هئي.

ٿورن ڏينهن بعد شيلا کي هاسپيٽل ۾ پرتي ٿيڻو پيو هو جو هوءَ پريل ڏينهن سان هئي. سندس ماءُ سار سنڀال لاءِ ساڻ هئي. موهن گهر ۾ ئي هو. سندس دل ۾ اُڻ تڻ هئي. اڄ شيلا جي ياد کيس ڏاڍو ستائي رهي هئي. پر هوءَ هاسسپيٽل نه ويو، بس دل ئي دل ۾ پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته هي ايشور سڀ سٺائي ڪجانءِ. سڄي رات موهن جاڳندي گذاري. صبح ستين بجي سندس در کڙڪيو. موهن اُتسڪتا مان جيئن ئي دروازو کوليو ته سامهون سندس دفتر جو ساٿي راجيش بيٺو هو. هن هڪدم موهن کي ڀاڪي پائي واڌايون ڏنيون. چيائين، سر توهانجي ايمانداريءَ کي سلام، توهان بي قصور ثابت ٿي ويا. چور آهي اسانجي دفتر جو هيڊ ڪلارڪ ۽ چپراسي. هيءُ ڏسو اڄوڪي اخبار. هيڊ ڪلارڪ وري چوري ڪندي پڪڙيو آهي ۽ هن قبول ڪيو آهي ته پهرين به چوري هن ئي ڪئي هئي.

موهن پاڻ اخبار پڙهي ۽ خوشيءَ ۾ راجيش کي گلي لڳائي ڌنيواد ڏنو ۽ هڪدم تيار ٿي هاسپيٽل ڏانهن روانو ٿيو. تيز قدمن

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

سان هاسپيٽل جون ڏاڪڻون چڙهي رسيپشن ڪائونٽر تي پهتو. ڪيس چاڻ ملي تہ شيلا ليبر روم ۾ آهي. هو جلد ئي اتي پهتو. سندس سس ٻاهر ڪرسيءَ تي ويٺي پئي پرارٿنا ڪئي. ان وقت نرس روم مان ٻاهر نڪتي ۽ سندس سس ڪان پڇيائين، شيلا جو گهوٽ ڪٿي آهي، سندس سگنيچر جي ضرورت پوندي. تي سگهي ٿو آپريشن ڪرڻو پوي. تڏهن موهن چيو، مان هتي آهيان سسٽر، ٻڌايو مونکي ڪٿي صحي ڪرڻي آهي. موهن هڪدم سگنيچر ڪندي پيپرس سسٽر کي ڏنا. موهن دفتر واري خبر پنهنجي سس کي بہ نہ ٻڌائي. اها خبر هو سڀ کان پهرين شيلا کي ٻڌائڻ پيو چاهي.

ٿوري دير ۾ ئي نرس ٻاهر اچي موهن کي واڌايون ڏيندي چيو، ‘You are blessed with beautiful and healthy daughter’ نارمل ڊليوري ٿي آهي. توهان اڌ ڪلاڪ ۾ شيلا سان گڏجي سگهو ٿا. شيلا ۽ ٻيبي بلڪل ٺيڪ آهن. موهن جي دل ۾ خوشي اُڇل ڏيئي رهي هئي. اڌ ڪلاڪ هو خوشيءَ کي ڪيئن دل ۾ رکي سگهندو. سوچڻ لڳو زندگي بہ عجيب آهي، ڪڏهن دردن جي غرط ۾ تہ ڪڏهن خوشيءَ جي اوج تي. ٿوري دير ۾ ڪيس شيلا سان گڏجي سگهڻ جي اعازت ملي. در کولي جيئن ئي هو روم ۾ آيو، شيلا جو مسڪرائيندو چهرو ۽ پير ۾ ليٽل ٻار ڏسي هن ڏاڍي سک سان پهرين شيلا کي ۽ پوءِ ٻار کي مني ڏني. شيلا ڪيس پيءُ ٿيڻ جون واڌايون ڏنيون. تڏهن موهن چيو، شيلا توکي ڊبل واڌايون. منهنجي ٻار جي ماءُ ٿيڻ جون ۽ تنهنجي پتيءَ جي بي قصور ثابت ٿيڻ جون. هيءُ ڏس اخبار. تنهنجي وشواس جي جيت تي آهي شيلا. شيلا جا نيڻ پرجي آيا. هن چيو، منهنجي وشواس ۽ تنهنجي سچائيءَ جي.

شيلا هاسپيٽل کان گهر اچي ويئي هئي. گلاب جو ٻوٽا وڪڻڻ واري مالهيءَ جي آواز تي شيلا ٻاهر اچي مالهيءَ کي سڏ ڪيو. مالهيءَ چيس، توهان رنگين گلابن جا ٻوٽا ونڻ چڏي ڏنا تہ گلن جي رنگ ئي گهٽجي ويئي آهي. وني هي ڏسو، پيلا، ڳاڙها، ڪيسريا، گلابي ۽ ڪارا گلاب خاص توهان لاءِ، چو تہ توهان پنهنجي لان ۾ صرف گلاب جا ئي ٻوٽا لڳائيندا آهيو. تڏهن شيلا چيو، هاڻي مونکي صرف گلاب جا نہ، هر قسم جي گلن جا ٻوٽا کپن. گيندو، چميلي، موگرا ۽ ڪئڪٽس پڻ. منهنجو لان تڏهن ئي چمن چوائيندو جڏهن هن ۾ زنديءَ وانگر

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

الڳ الڳ رنگ ۽ خوشبوءِ وارا گل هوندا. موهن به ٻاهر نڪري آيو ۽ گلن جا ٻوٽا خريد ڪري ٻئي گڏجي لان ۾ لڳائڻ لڳا.

# پُرسڪار

جيوتيءَ جي ذهن ۾ اچ اُبتا سُبتا ويچار اچي رهيا آهن. سندس فرض ۽ سندس ڪارتيه ئي چنتا جا سبب بڻجي پيا آهن. اسڪول ۾ ٻئي ٽيچرس به ته آهن، پر ڪيڏيون نه خوش ۽ چنتا مُڪت. پوءِ هوءَ چو پيئي ٿي ڳڻتين منجهه ڳري. ڇا جوابداري سمجهڻ ۽ نڀائڻ ئي چنتا جو سبب آهي؟ ٻئي ٽيچرس به وديارٿين کي پڙهائينديون هيون پر ٻاڻ کي ايتري قدر ڪم ۾ نه جهونڪينديون هيون جهڙيءَ طرح جيوتي. جيوتيءَ جو ٻارن کي پڙهائڻ جو طريقو سڀني کان نرالو هو. صرف ڪتاب کولي ٻارن کي پڙهائڻ کيس پسند نه هو. کيس ته ڪتابن جي ضرورت ئي محسوس نه ٿيندي هئي. جيوتي هر وديارٿيءَ جي شخصيت سنوارڻ ۾ وشواس ڪندي هئي تنهنڪري ئي هر وديارٿيءَ لاءِ سندس الڳ الڳ تجويز (Sgtrategy) هوندي هئي. جڏهن رسيس ۾ ٻار ماني کائيندا هئا تڏهن به هوءَ سندن ساڻ هوندي هئي. پڪنڪ هجي يا سانسڪرتڪ ڪاريڪرم، جيوتي ٻارن سان ٻار بڻجي شامل ٿيندي هئي. ڳالهين ڳالهين ۾ کين سدائين ڪجهه نئون سيکارڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. گهڻا دفعا ته پڙهائيندي پڙهائيندي خاص مضمون کي ڇڏي، ڪٿان جو ڪٿي پهچي ويندي هئي جيئن وديارٿي دنيا جي ٻين مضمونن سان به روبرو ٿيي سگهن. هوءَ ڄڻ وديارٿين جي ٽيچر نه پر دوست هئي. هوئڻ به سندس ۽ وديارٿين جي عمر ۾ ڪو خاص فرق نه هو. بس پنجن - ڇهن سالن جو مفاصلو هو.

سرسوتي جيوتيءَ مٿان مهربان هئي ۽ کيس پڙهائڻ جي هنر سان نوازيو هئائين. جيوتي وديارٿين جي هر سوال کي اهڙي سهج ۽ سرل ڀاو سان تمجهائيندي هئي جو ٻارن جي دماغ ۾ گهر ڪري ويندي هو. تڏهن ته سڀ وديارٿي کيس عزت ڏيندا هئا. پڙهائڻ جي ڪاريه ۾ ڪوتاهي ڪرڻ جيوتيءَ جي سڀاءَ ۾ نه هو. ايڪسٽرا ڪلاس وٺڻ، اَن سالوڊ پيپر حل ڪرائڻ، وقت به وقت امتحان وٺڻ، طرح طرح جا نوان

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

سوال ناهي حل ڪرائڻ، جيوتيءَ جي روٽين ۾ شمار هئا. اهو سڀ ڪاريه جيوتي مسڪرائي ڪندي هئي جيئن وديارٿين کي پاڻ تي پنهنجي پڙهائيءَ تي وشواس ٿئي. اهي ڪاريه ڪندي پلي سندس ننڊ ڦٽي پر کيس سڪون ملندو هو ته پنهنجو ڪاريه ايمانداريءَ ۽ سمپورڻتا سان ڪيو.

اسڪول ۾ ساليانو جلسو ٿيڻ وقت، پڙهائيءَ جي الاوه ساسڪرتڪ ڪاريڪرم تيار ڪرائڻ، منچ تي ڪمپيئرنگ ڪرڻ ۾ به پاڻ ڪپائيندي هئي جيئن اسڪول جو جلسو يادگار بڻجي. راند روند جي چٽاپيٽي هجي يا نمائش (پردرشني)، جيوتي هميشه وديارٿين سان گڏ هوندي هئي. وديارٿي ماڊل ٺاهيندا هئا ۽ هوءَ سندس حوصلي افزائي ڪندي رهندي هئي. جيوتي ۽ سندس ڪلاس جي وديارٿين جو سڄي اسڪول ۾ رُتبو هو. اسڪول جي لاءِ ميڊل ڪٺي اچڻ ۾ اڳتي جو هوندا هئا.

پوءِ پلا اڄ جيوتي چو بيچئن آهي؟ چو سندس ذهن ۾ اهي ويچار اچي رهيا آهن ته پاڻ کي پوري طرح ڪاريه ۾ جهونڪڻ مان کيس چو هڙ حاصل ٿي آهي؟ کيس ڪو وڏيڪ لاپ يا پگهار ته ملي ڪونهي ۽ نه ئي ڪو پرسڪار. پوءِ چو نه ٿي هوءَ پاڻ کي ٻين ٽيچرس جيان بڻائي. چار ڪلاڪ وديارٿين کي پڙهائي، گهر. جنهن وديارٿيءَ کي آئينده جو فڪر آهي پاڻ ئي ٽيوشن ڪندو، مان ڪو ٺيڪو ته ڪنيو ڪونهي.

اڳلي ئي پل جيوتيءَ انهن ويچارن کي ذهن مان ٻاهر ڌڪو ڏنو؛ مان ٻارن کي پڙهائڻ جو ڪاريه وڏيڪ پگهار يا پرسڪار پائڻ لاءِ نه چونديو هو. مان سڀ ڪاريه پنهنجي اِڇا سان ڪيا جو مونکي تنهن مان آنند ۽ سڪون ملندو هو ۽ اهو ئي منهنجي ڪاريه ڪرڻ جو انداز آهي. مان ئي ته وديارٿين کي سمجهائيندي هئس، ”ڏارا سان گڏ وهڻ ته تمام آسان آهي، ڏار جي اُبتڙ (opposite) ترڻ ئي همت جو ڪاريه آهي. پوءِ مان چو ڏارا سان گڏ وهڻ جي ڳالهه سوچي پاڻ لاءِ بيچئني پئدا ڪئي. ٽيچر جو ڪاريه ته دان داتا ٿيڻ آهي، مان ڪجهه حاصل ڪرڻ جي ڳالهه چو سوچڻ لڳس. مان به پڙهائڻ جي ڪاريه کي نوڪري سمجهان ها ته اڄ پاڻ کي نوڪر ئي پائيان ها، اُنهي آنند ۽ سڪون کان ته محروم رهان ها جيڪو وديارٿين جو دوست

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

۽ رهبر (Guide) بڻجي مليو هوم.

تڏهن فون جي گهنٽي وڳي ۽ جيوتيءَ رسيور کڻ سان لڳايو.

هيلو....

مئڊم مان وڪاس..

ها بيٽا، چئه ڇا ڳالهه آهي؟ رزلٽ ڊڪليئر ٿي ويو؟

ها مئڊم، مان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ٿيو آهيان. اسانجي ڪلاس جو رزلٽ سؤ سيڪڙو آهي. سڀني سٺن نمبرن سان پاس ٿيا آهن. اهو سڀ توهانجي محنت ۽ لڳن جو ڦل آهي. مان توهانجا چرڻ اسپرش ٿو ڪريان. وڪاس ڳالهائيندو رهيو ۽ جيوتي الاءِ ڪٿي گم ٿي ويئي. ڪيس سندس محنت جو اُجورو (پرسڪار) ملي ويو هو. سندس ذهن ۾ هاڻي ڪا چنتا يا بيچئين نه هئي. هئو ته صرف سڪون ۽ وري پنهنجي ڪاريه ۾ جنبي وڃڻ جو جنون.

# شانتي

صبح جو برش وغيره ڪري ڪنعيو ڊرائنگ روم ۾ صوفا تي اچي وينو ته سندس پتني شانتي به چانهه بسڪوت کڻي اچي سندس پر ۾ ويني. ڪنعيو چانهه جي چسڪيءَ سان گڏ ئي اخبار پڙهندو آهي. اخبار جي پهرئين صفع تي بولڊ اکرن ۾ خاص خبر ڇپي هئي :

”شانتيءَ ٽن ٻارن کي جنم ڏنو.“

ڪنعيي اونچي آواز ۾ خبر پڙهندي پنهنجي پتني شانتيءَ ڏانهن نهاريو. شانتيءَ خبر ٻڌي مسڪرائي ڇيو، مسخري ڇڏيو ۽ خبر پوري پڙهو. خبر هيءَ هئي:

”ڀوپال جي ون وهار جي شانت سڀاءَ واري شينهڻ ’شانتيءَ‘ ٽن پونگڙن (ٻچن) کي جنم ڏنو. ٽيئي پونگڙا ۽ شانتي سوسٿ آهن. ون وهار جا اڌيڪاري ڏاڍا خوش آهن ۽ پونگڙن جي سارسنڀال لاءِ يوگيه ڊاڪٽر به مستعد ڪيا ويا آهن. ديش ۾ شينهن جي گهٽجندڙ تعداد سرڪار لاءِ چنتا جو ڪارڻ آهي. تعداد وڌائڻ لاءِ پونگڙن کي ديش جي ٻين نئشنل ون وهار ۾ موڪليو ويندو. “

ڪنعيو خبر پڙهي خوش ٿيو. شهر جي ٻڌيجيوي معزز ماڻهن

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

بہ خوشي ظاهر ڪئي ۽ سرڪار جي جانورن ۽ پرياورڻ سنڀالڻ لاءِ ڪوشش جي ساراهہ ڪئي.

ڪجهہ ڏينهن بعد پونگڙن کي ديش جي ٻين ون وهارن ۾ موڪليو ويو. شينهڻ ’شانتي‘ ٻارن جي وڇوڙي ۾ اُداس رهڻ لڳي ۽ کاڻ پيئڻ بہ ڇڏي ڏنائين. اڌيڪارين ۽ ڊاڪٽرن جا حيلا بہ ڪم نہ آيا. هميشه شانت رهڻ واري شينهڻ ’شانتي‘ هاٺي خونخوار بڻجي پئي هئي. ڪير سندس ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ رنڀڻ لڳندي هئي.

هڪ مهني ڪانپوءِ وري اخبار ۾ خبر ڇپي تہ پوپال ون وهار مان ٻاهر موڪليل ٻن پونگڙن جي مرتيو ٿي ويئي جو اُنهن ٻن پونگڙن کاڌو کائڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ ڊاڪٽرن بہ انهن جي گهربل پرگهور نہ ڪئي هئي. ڪنعيي کي لڳو تہ ٻنهي پونگڙن جي موت جو ڪارڻ ماءُ کان جدائي ئي هوندو ۽ شانتيءَ جو اشانت ٿيڻ جو ڪارڻ ٻارن کان جدائي. انسان ائين سوچيندو آهي تہ هو ٻين پراڻين جي ڀلائيءَ لاءِ ڪاريہ ٿو ڪري چاهي پوءِ جهنگلي جانورني کي ون اُڏيان ۾ رکي، زو (zoo) ۾ رکي يا پڪين کي پڃري ۾. کيس ون وهار جي آفيسرن جي ٻڌيءَ تي ترس اچڻ لڳو.

شينهڻ هاٺي وڌيڪ بيچئن ٿي پئي هئي. هڪ ڏينهن ون وهار مان الاءِ ڪهڙي جاءِ کان ٻاهر نڪري رهائشي علائقي ۾ پهچي ويئي. شام جو وقت هو، ٻک ۽ اُڃ کان وياڪل شينهڻ مئدان ۾ راند ڪندڙ ٻارن مٿان حملو ڪري هڪ ٻار کي وات ۾ سوگهو ڪيو ۽ ڀڄڻ لڳي. هڪدم وائيلو مچي ويو. ماڻهو لنيون، ڀالا، پٿر کڻي ٻار کي ڇڏائڻ لاءِ شينهن پنيان ڊڪڻ لڳا. شينهڻ ڊپ سبب ٻار کي ڇڏي ڏنو ۽ بدحواسيءَ ۾ مئدان کان ٿورو پري نالي ۾ وڃي ڪري. ماڻهن ٻار کي اسپتال پهچايو ۽ ون وهار جي آفيسرن کي بہ سوچنا پهچائي ويئي. اهي جيستائين اتي پهچن، هڪ ماڻهو پنهنجي بندوق کڻي آيو ۽ نالي ۾ ڪريل گهايل، مرڻهار شينهڻ ’شانتيءَ‘ مٿان لڳاتار ٿي گوليون هڻي کيس شانت ڪري ڇڏيو. ٻين ماڻهن پڻ شانتيءَ مٿان خوب پٿرن جي ورشا ڪئي. ٻار اسپتال ۾ علاج کان پوءِ خطري کانٻاهر هو. سندس ماءُ ڏاڍو خوش هئي، هن ماڻهن جي بهادريءَ جي ساراهہ ڪئي جن شينهڻ کي ماري ڇڏيو.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ٻئي ڏينهن سچي واقعي جي مڪمل خبر اخبار ۾ آئي. خبر پڙهي ڪنعيي کي ڏاڍو افسوس ٿيو. ڪيس لڳو ماڻهن ۾ ڪيڏي نہ حيوانيت آهي. نالي ۾ ڪريل مرڻهار شينهڻ مٿان گولين ۽ پٿر هڻڻ جي تہ ڪا ضرورت نہ هئي. اگر ون وهار جي آفيسرن جي مدد سان شينهڻ جي جان بچائن ها تہ انسانيت جو ڳاٽ اونچو ڪن ها. ڪيڏي تنگ دليءَ ۽ بيرحميءَ سان ماريو هون شانتيءَ کي. ڪنعيي ماڻهن مٿان جهنگلي جانور کي مارڻ جو ڪيس دائر ڪيو. پوري سنوائيءَ کان پوءِ عدالت فيصلو ڏنو، ”ٻار کي بچائڻ لاءِ جانور کي مارڻ ڪوئي اپراڌ نہ مڃيو ويندو ۽ سڀئي جوابدار (Accused) بيقصور ٺهرايا ويا.

ڪنعيي کي عدالت ۽ ماڻهن جي نظرئي ۽ ورتاءَ تي افسوس ٿيو.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# شرڌانجلي

مڌو پنهنجي روم ۾ يمپيوٽر تي ڪم ڪري رهي هئي جو ڪيس پنهنجي ميل باڪس ۾ وروڻ جو اي-ميل مليو. ’ واهه...وات اي پليزينت سرپرائيز‘ وروڻ جي اي-ميل. هن هڪدم وروڻ جي اي-ميل تي ڪلڪ ڪيو ۽ مضمون پڙهڻ لڳي. ’’مان توکي سياڻي انين بجي رات جو فون ڪندس، هينئر جلديءَ ۾ آهيان..تنهنجو دوست وروڻ.‘‘

’منهنجو دوست وروڻ‘ مڌوءَ دوهرايو. مڌو ۽ وروڻ هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهندا هئا تڏهن کان ئي سندس دوستي هئي. ٻنهي جا وشيه ۽ ڪلاس الڳ الڳ هوندي به هو رسيس (لنچ بريڪ) ۾ گڏجندا هئا. ڪيڏا خوش ٿيندا هئا گڏجي. ڪل خوشيءَ ۾ رسيس جو وقت ڪيئن نڪري ويندو هو خبر ئي نه پوندي هئن. هو جتي به گڏجندا هئا ماحول کي خوشگوار بڻائي ڇڏيندا هئا. اسڪول جا ٻئي ساٿي کين محفل جي جان ڪري سڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن مڌوءَ جي گهر گڏجي پڙهڻ جو پروگرام به ٿيندو هو جنهن ۾ ڪامن وشيه انگريزي ۽ هنديءَ جي ٽاپڪس تي چرچا ٿيندي هئي.

انگلش ! توبهه، انگلش ۾ ٻئي ايوريج شاگرد هئا، مٿان وري لٽريچر. هي پڳوان، ڊيچارڻ لاءِ نالو ئي ڪافي هو. مڌو ۽ وروڻ جڏهن به انگلش پڙهڻ لاءِ وهندا هئا تڏهن پڙهائي گهٽ ۽ انهيءَ ڳالهه تي وڌيڪ چرچا ڪندا هئا ته ايجوڪيشن بورڊ کي انگلش لٽريچر ۾ چار چار ڪتاب رکڻ جي ڪهڙ ضرورت هئي؟ يا وري جارج برناڊ شا کي ڪنهن ’د آرمز اينڊ د مئن‘ ناول لکڻ جي صلاح ڏني هئي؟ اگر برناڊ شا ناول لکيو به ڪٿي ته اسانکي ڇو ٿو پڙهايو وڃي؟ نيڪ آهي پلي پڙهايو، پر امتحان ته نه وٺو. ڇا ناول جي ڄاڻ جو به امتحان ٿيندو آهي - وغيره وغيره. بس ائين ئي چرچا ڪندي وقتيگذري ويندو هو ۽ وروڻ مئٿس جي ڪلاس ۾ هلي ويندو هو ۽ مڌو اڪائونٽينسيءَ جي ڪلاس ۾. هڪ هڪ ڪري اهي سڀ ڳالهيون مڌوءَ کي ذهن تي تري آيون ۽ چپن تي تري آئي مسڪراهٽ. مڌو خوش هئي. هوءَ اُٿي ۽ سيني سان گڏ ڊنر لاءِ ڊائيننگ روم ۾ آئي.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ڊائيننگ روم ۾ پهچي پنهنجي ياءُ - پيڻ، ممي، پاپا کي ٻڌائڻ لڳي تہ سياڻي رات جو ائين بجي ورڻ جو فون ايندو. ورڻ اي-ميل معرفت چاڻ ڏني آهي. مڌوءَ ياءُ ۽ پيڻ کي هدايت ڏنيدي چيو، سياڻي رات جو ائين بجي فون فري رکجو، ڪنهن سان ڳالهائڻ نہ ويهي رهجو. ڊنر ڪائي پوءِ مڌو پنهنجي روم ۾ آئي ۽ نندي پيڻ سان ڳالهائيندي چيائين ’اڄ ورڻ فون تي ڳالهائڻ جي اي-ميل موڪليو تنهنجو ڪهڙو ڪارڻ تي سگهي ٿو؟ هيل تائين تہ اي-ميل ذريعي ئي ڪميونيڪيشن ٿيندو هو. سندس پيڻ سمن چيو انهيءَ ۾ سوچڻ جي ڪهڙي ڳالهي آهي، من ۾ آيو هوندس تہ اي-ميل کان، فون تي ڳالهائڻ بهتر آهي. پر مڌو سوچڻ لڳي ضرور ڪا خاص ڳالهہ هوندي تڏهن سندس پيڻ چيو ديدي، ورڻ پيئيا سان توهانجي پيٽ مئڊم وجيا شريواستو جي ڪوچنگ انسٽيٽيوٽ ۾ ٿي هئي نہ؟ ۽

ها، ورڻ ۽ مان اِنگلش لٽريچر پڙهڻ ويندا هئاسين، مڌوءَ چيو. اتي پيا بہ اسٽوڊينٽس هئا سيني سان ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي پر دوستي صرف ورڻ سان هئي. اتي بہ اسان خوب شرارت ڪندا هئاسين ۽ مئڊم بہ اسانجي شرارتن تي خوب ڪلندي هئي. چوندي هئي اهڙي دوستي شل ايشور سيني کي بخشي. توهان ٻئي سچپچ تمام سٺا دوست آهيو. مئڊم چوندي هئي دوستي صاف، سوسٽ هئڻ کپي، نہ پيائي، نہ لڪ لڪاءُ، جيئن ڪنهن کي بہ شڪ ڪرڻ جو موقعو نہ ملي ۽ اسان ٻنهي مئڊم جي انهيءَ ڳالهہ کي ڳنڍ ٻڌي ڇڏي هئي. اڄ بہ اسانجي دوستي ڪانچ وانگر صاف آهي، ڪجهہ بہ لڪل نہ. توکي تہ خبر آهي جڏهن سڏهن اسانجي اِنگلش ڪلاس پوري ٿيندي هئي تہ مان ورڻ سان گڏ سندس سائيڪل پنيان ويهي چوواٽي تائين ايندي هيس ۽ پوءِ ورڻ ساڄي پاسي پنهنجي گهر روانو ٿيندو هو ۽ مان ڪابي پاسي پنڌ پنڌ پنهنجي گهر. اسان ٻئي سوچيندا هئاسين تہ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها جو اسانجو گهر مئڊم وجيا شريواستو جي گهر ۾ هجي ها. جڏهن من ٿئي ها گڏ اِنگلش پڙهون ها ۽ بار بار مئڊم کي تنگ ڪرڻ پهچي وڃون ها.

وجيا مئڊم نهايت سمجهدار ۽ سٺي ٽيچر هئي. سندس حوصلا افزائيءَ بدؤلت اسانجو انگلش لٽريچر طرف لاڙو وڌيو هو ورنہ اسان تہ انگلش جي نالي کان ئي پري ڀڄندا هئاسين. سندس پڙهائڻ جو

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

طريقو نهايت سرس ۽ سرل هو ۽ وري مئڊمي مونکي ڏاڍو پيار به ڪندي هئي. مان کيس هميشه کلندي خوشيءَ ۾ ئي ڏٺو هو. ننڍو قد، وڏندڙ پيارو چهرو ۽ سانورو رنگ، موهيندڙ مرڪ ۽ مٺڙي زبان، اها سڃاڻپ هئي مئڊم جي.

سندس شخصي زندگيءَ ۾ ڪشٽن جا ڪنڊا هوندي به مان کيس ڪڏهن نراش يا پريشن ٿيندو نه ڏٺو هو. سندس واٽيءَ ۾ مناس ۽ چپن تي مرڪ ئي نظر ايندي هئي. تڏهن سندس پيڻ سمن چيو، ديدي، مئڊم جي گهر ۾ اهڙي کهڙي کننائي هئي جو توهان ائين تا چئو؟

پيڻ ٻڌندينءَ ته توکي به عجب لڳندو مڏوءَ چيو. مئڊم جي پريوار ۾ ٻيا پنج ڀاتي هئا، سندس ماتا، پتا، ڀاءُ ڀاڀي ۽ دماغ کان ڪمزور ننڍي پيڻ انگو. مئڊم جو پتتا ڪپڙا مل ۾ ملازم هو. ٻه سال اڳ مل بند ٿي ويئي ۽ اتي ڪم ڪندڙ سڀ بيروزگار بڻجي ويا. مئڊم جي ڀاءُ جي ڪپڙي جي ننڍي دڪان هئي جنهن مان تمام گ هت آمدني ٿيندي هئي. هو گهر کي هتي ڏيڻ بدران پئسا گهرندو هو. اهڙيءَ طرح سڄي گهر پريوار جي جوابداري مئڊم مٿان هئي. سندس پيڻ انگو دماغي طور تي ڪمزور هئي پر شرير کان به وڪلانگ هئي. کيس روز ضروري ڪمن کان نورت ڪرائڻ، وهنجائڻ، ڪپڙا پهرائڻ، ماني کارائڻ انهن سيني ڪمن جي جوابداري به مئڊم مٿان هئي. اگر انگوءَ جو من ڪڏهن ٻاهر گهمڻ جو ٿئي ته مئڊم ئي کيس ٽراءِ سائيڪل تي وهاري گهمائي ايندي هئي جو انگو هلي چلي نه سگهندي هئي. انگوءَ جي خيال رکڻ، ٻئي سڀ ڪم ڪرڻ ۽ گهر پريوار لاءِ روزي روٽيءَ جو انتظام ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه هو پر وڃيا مئڊم سڀ ڪم مسڪرائيندي ئي ڪندي هئي. مئڊم جڏهن به پنهنجي شخصي زندگيءَ بابت ڳالهائيندي هئي ته اڪثر انگوءَ جي ٻالپڻ ۽ سندس شرارتن جو ذڪر ڪندي هئي. مئڊم اڪثر چوندي هئي، هڪ ڏينهن مان ڪار ضرور وٺندس، پنهنجي ننڍي پيڻ انگوءَ کي گ همائڻ لاءِ، چو ته هيڏي وڏي ٻار کي ٽراءِ سائيڪل ۾ گهمائڻ وٺي وڃڻ سٺو نٿو لڳي.

ديدي، هاڻي مئڊم جي پيڻ انگو ڪيئن آهي، توهانکي ڪجهه خبر آهي، سمن پڇيو.

نہ پيڻ، اسان پاپا جي ٽرانفر تي ڀوپال شفٽ ڪري آياسين تہ اُجين ۾ اُتان جي ساٿين کان پري ٿي وياسين. ورون کي بہ IIT ۾ داخلا ملي ۽ دهليءَ هلي ويو. پر مان سپاٽي ورون کان مئدم جي باري ۾ ضرور پڇنديس، ڪيس تہ خبر هوندي جو هو پنهنجي گهر اُجين ويندو رهندو هوندو.

ديدي، هاڻي تہ وجيا مئدم جي شادي بہ ٿي ويئي هوندي، سمن چيو.

ٿي سگهي ٿو. اُنهن ڏينهن ۾ هڪ نوجوان چوڪرو مئدم سان گڏجڻ ايندو هو. ڊگهو، وڻندڙ روش، سهڻو رنگ روپ ۽ وهنوار ڪشل، دنيش نالو هوس. سڀ چوندا هئا سندن افيئر آهي. ٻئي هڪ ٻئي لاءِ ٺهيا آهن. پر سندسن شادي ٿي هوندي تہ انگو ۽ مئدم جو پريوار؟

ڳالهيون ڪندي ڪندي ڪافي رات ٿي چڪي هئي تڏهن سمن چيو ديدي هاڻي ننڊ ڪيو، سپاٽي ورون کان پڇجو اهي سڀ ڳالهيون. تڏهن ٻئي اکيون بند ڪري سمهيون ۽ ننڊ سندن نيڻن ۾ سمائجي ويئي.

رات جو دير سان سمهڻ ڪري صبح جو اُٿڻ بہ سج چڙهي اچڻ بعد ٿيو. گهر جي ڪارين کان آجو ٿيڻ ۽ لنچ کان پوءِ، سمن مڌوءَ کي چيو، ديدي، هلو تہ نيو مارڪيٽ مان ٿي اچون، ڪجهہ خريداري ڪرڻي آهي ۽ شواجي سامنت جي لکيل ڪتاب 'مرتيونجيہ' وٺڻي آهي. ديدي، مرتيونجيہ پڙهڻ کانپوءِ ڪيڏو نہ مانسڪ ٻل ملندو آهي. توهان بہ تہ مرتيونجيہ پڙهيو آهي. پاپا اسان ٻنهي ۽ ڀيا کي بہ مرتيونجيہ پڙهايو هو. اڄ وري اهو ڪتاب پڙهڻ جي چاهہ جاڳي اٿم. ڪرڻ جو جيون ڪيڏو پريرڻادائي هو. مرتيونجيہ هوم لائبريريءَ ۾ رکڻ ٿي چاهيان. مڌوءَ چيو، نہ پيڻ اڄ نہ. اڄ ورون جو فون اچڻو آهي، سپاٽي هلنداسين.

اڙي ديدي، توهانکي چا ٿي ويو آهي. هينئر منجهند جا ٻہ لڳا آهن، فون رات جو ائين بجي ايندو.اسان ڇهين بجي تائين واپس گهر اچي ويندا سين. هاڻي هلو جلدي، سمن چيو. مڌو ۽ سمن تڏهن بازار خريداري ڪرڻ هلي ويون. بازار کان واپس اچڻ بعد سمن پنهنجي لاءِ آندل سلوار سوٽ مڌوءَ کي ڏيکاريندي چيو، ڏس ديدي،هيءُ هلڪو نيرو رنگ توهان تي ڪيڏو نہ جڃي ٿو. اڙي ديدي

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

او ديدي، توهان ڪيڏانهن گم ٿي ويا؟

ڪٿي نہ پيڻ، مان هتي ئي آهيان.

ها هتي ئي آهيان! مان بازار ۾ بہ محسوس ڪيو هو تہ توهانجو من خريداريءَ ۾ نہ هو. توهان ڇا سوچي رهيا آهيو ديدي؟

ڪجھ نہ، بس بار بار مونکي وجيا مئڊم ۽ انگوءَ جو ويچار اچي رهيو آهي. وجيا مئڊم ۽ دنيش جو ڇا ٿيو؟ ڇا ٻنهي جو پيار پروان چڙهيو؟ اگر ٻنهي جو وهانءُ ٿيو تہ انگوءَ جي سار سنڀال؟

اڙي ديدي، توهان بہ ڏاڍا اموشنل آهيو. ٿوري دير ۾ ورڻ پپئيا جو فون ايندو، سڀ پڇي ونجوس. هان، ونو هيءُ ڪتاب 'مرتيونجيہ'، توهان بہ وري پڙهو، جيءُ هلڪو ٿيندءَ. ممي هيڏانهن اچو ڏسو تہ سهين توهانجي لا ۽ ديدي ساڙهي وٺي آئي آهي.

سندن ماءُ ڪافي ڪٺيَ آئي ۽ ڪين ڏيندي چيو، هيڏو سامان، سڄي بازار خريد ڪري آيا آهيو ڇا؟

ڇا ممي، تون بہ، هيءُ گهٽو سامان آهي! ديدي ۽ مون لاءِ سلوار سوٽ، پاپا ۽ پپئيا لاءِ شرٽ ۽ تو لاءِ هيءَ ساڙهي. ڏسو ديدي، هيءُ ساڙهي جڻ مل وارن مميءَ لاءِ ئي ٺاهي آهي.

پيو بہ ڪجھ آندو اٿوَ، مميءَ پڇيو.

ها، ديدي وٺي آئي آهي پنهنجي لاءِ خاموشي ۽ اُداسي.

تڏهن فون جي گهنٽي وڳي. مڌو فون جو ئي انتظار ڪري رهي هئي رسيور ڪٺي هن ڪن سان لڳايو - هئلو

ها مان ورڻ آهيان مڌو، تون ڪيئن آهين؟

نيڪ آهيان، تون ٻڌاءِ. تنهنجي پڙهائي ڪيئن پيئي هلي؟

فرسٽ ڪلاس

ورڻ، مونکي توکان ڪجھ پڇڻو آهي!

ها پائي ها، انهيءَ ڪري ئي تہ فون لڳايو آهي تہ تون ڪجھ پڇ..ها...ها..

مزاق ڪرڻ جي عادت نہ ڇڏيندين تون، هان.

هاٺي جنهنجي تو جهڙي جوڪر دوست هجي اهو تہ هميشہ کل مسخري ڪندو نہ...ها....ها...ها...

چڱو هاڻي ٻڌ. اهو ٻڌاءِ وجيا مئڊم جا ڪهڙا حال آهن؟

توکي بہ مئڊم جي ياد آهي. مڌو، سچ تہ اهو آهي تہ مان

This book Published on Internet by:

www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

توکي فون ئي انهيءَ ڪري لڳايو تہ توکي مئڊم جي باري ۾ ٻڌايان.

سچ، پوءِ جلدي ٻڌاءِ. مئڊم جي شادي ٿي ويئي؟

توکي اها خبر نہ پيئي چا؟ مئڊم تہ توکي نيند (نمنترڻ پتر) موڪلي هئي. وچيا مئڊم ۽ دنيش جي شادي ٽنهنجي وڃڻ جي ٻن مهينن کان پوءِ ئي ٿي هئي.

سچ، ڪيڏو نہ سنو ٿيو. سچو پيار ڪرڻ وارن ٻين دلين جو ميلاپ ٿيو. ڏاڍي سٺي خبر ٻڌايئہ وروڻ.

ها..ٻئي ڏاڍا خوش هئا. ڪيڏي سٺي لڳندي هئي ٻنهي جي جوڙي.

وروڻ، تون اهو ڇاٿو چئين..ٻئي ڏاڍا خوش هئا، ڏاڍي سٺي لڳندي هئي جوڙي! چا هاڻي اهي ٻيئي خوش ڪونہ آهن؟

ها مڌو، انهن جي خوشيءَ کي، سهڻي جوڙيءَ کي ڪنهنجي نظر لڳي ويئي.

تون چئين چا پيو، صاف صاف ٻڌاءِ.

وچيا مئڊم ۽ دنيش شاديءَ کانپوءِ ڏاڍا خوش هئا. دنيش ڏاڍو سٺو انسان هو. انگو بہ مئڊم ۽ دنيش سان گڏ ئي رهندي هئي جو دنيش ئي مئڊم کي اها پيشڪش ڪئي هئي. دنيش ڄڻ ديوتا ٿي مئڊم جي جيون ۾ آيو هو. مئڊم تہ هونئن بہ هميشه خوش رهندي هئي پر شاديءَ کانپوءِ مسڪرائڻ ٿي سندس نيڻ بہ خوشيءَ ۾ پرجي ڇلڪي پوندا هئا.

پوءِ اهڙي ڪهڙي اڻ ٿيڻي ٿي، وروڻ جلدي ٻڌاءِ.

مڌو، شاديءَ کانپوءِ هر عورت جي مراد هوندي آهي ماءُ ٿيڻ جو سک ماڻڻ جي. مئڊم بہ اهو سک ماڻڻ شروع ڪيو هو. هوءَ ماءُ ٿيڻ واري هئي. ٻئي ڏاڍا خوش هئا. اچڻ واري ٻار لاءِ قسمين قسمين جا رانديڪا، سنا سنا ڪپڙا پيا وٺندا هئا. مان جڏهن بہ اُجين ويندو هوس مئڊم ۽ دنيش سان گڏجندو هوس. ٻئي ڇٽا ڏاڍا

خوش هئا. مئڊم تو لاءِ هميشه پڇندي هئي.

پوءِ آخر ٿيو چا؟ اهو ٻڌاءِ.

چوندا آهن نہ، ماءُ ٿيڻ عورت لاءِ ٻيو جنم ٿيڻ برابر ٿيندو آهي. مئڊم کي ٻئي جنم جو وردان نہ ملي سگهيو.

نہ وروڻ، ائين نہ چئہ. چئہ اهو سڀ سچ ناهي.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

اهو ئي سچ آهي مدو. ٻار جي جنم وقت مئدم ۽ ٻار ٻئي... اکر ورڻ جي گلي ۾ اٽڪي پيا. مدوءَ جي اکين ۾ به لڙڪ لڙي آيا. ورڻ پاڻ کي سنڀاليندي چيو، مان مئدم جي گھر ويو هوس، پر دکي ماحول ڏسي ڪنهن کان ڪجھ پڇي نه سگھيس. وري ڪڏهن اوڏانهن وڃڻ نه ٿيو آهي.

توکي اها خبر آهي ته دنيش ڪيئن آهي؟ انگوءَ جي سار سنڀال ڪير ڪندو آهي؟

نه مدو، مونکي ڪجھ خبر ناهي. ايشور کي الائي ڇا منظور آهي. چڱو هاڻي فون رکان ٿو. وري ملنداسين. ڪاليج جي بس گيٽ تي اچي ويئي آهي.

چڱو ورڻ...چئي مدوءَ فون رکي ڇڏيو. مدوءَ رسيور رکيو  تڏهن سمن ڪمري ۾ اچي چيو اڙي ديدي فون رکي ڇڏيئه، مونکي به ڳالهائڻو هو ورڻ ڀئيا سان. ڇا ٻڌايو ورڻ؟ وجيا مئدم جي شادي دنيش سان ٿي ويئي؟

ها، شادي به ٿي ويئي ۽ سرڳواس به...

ڇا؟ اهو ڇا پيا چئو ديدي؟

ها ڀيڻ. پهرئين ٻار جي جنم وقت مئدم ۽ ٻار ٻئي ايشور کي پيارا ٿي ويا.

ديدي، مان ته ڪڏهن مئدم سان ملي نه هئس نه ئي دنيش سان، پر توهان کان سندن جي باري ۾ ٻڌي منهنجي دل ۾ به سندن لاءِ شرڌا ۽ عزت آهي. اسانکي سندن آتما جي شانتيءَ لاءِ ڀڳوان کي پرارٿنا ڪرڻ کپي.

ٻئي گھر ۾ نهيل مندر اڳيان اچي پرارٿنا ڪرڻ لڳيون. پرارٿنا کانپوءِ سمن، مدوءَ جي چهري تي اُداسيءَ ڏسي چيو، هاڻي دک نه ڪريو ديدي، توهانجو مرجهايل، اُداس چهرو سنو نٿو لڳي. توهان ته نهيا ئي کلڻ کلائڻ لاءِ آهيو. وجيا مئدم کي به توهان مسخري ڪندي ۽ کلندي ئي سنا لڳندا هئا نه؟

ها ڀيڻ، تون نيڪ ٿي چئين، ڪيس منهنجيون شرارتون ۽ کل ڏاڍي سني لڳندي هئي.

ته پوءِ مسڪرايو نه ديدي. وجيا مئدم لاءِ اها ئي سچي شرڌانجلي ٿيندي.

مدوءَ مسڪرائڻ جي ڪوشش ته ڪئي پر سندس نيڻ به پرجي ڇلڪي پيا.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.